جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاھ

جلد 17 | خميس 12 نومبر 2026ع بمطابق پهرين جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 32

سنڌ جي سيلابي جي تعمير ڪان پوءِ نو ۾ هڪ تاريخي سنگ ميل، ڏھ لک خاندانن لاءِ تحفظ، وقار ۽ اميد آهي: مراد شاھ

2022 جي ٻوڏ جي تباهيءَ ڪان وٺي هڪ مستقل گهرجي تحفظ تائين سنڌ جي هڪ ملين خاندانن پنهنجي زندگين کي ٻيهر سنوارڻ لاءِ هڪ تاريخي قدم کنيو

سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (SPHF) سجي صوبي ۾ 1,007,111 آبهوا جي لحاظ ڪان لچڪدار گهر مڪمل ڪيا آهن جيڪا دنيا جي سڀ ڪان وڏي هائوسنگ ريڪنسٽرڪشن جي شروعات طور بيان ڪيل هڪ وڏو سنگ ميل آهي

بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاھ، عالمي ترقياتي ڀائيوارن جي نمائندن، اعليٰ سرڪاري اختيارين ۽ هائوسنگ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ خاندانن شرڪت

تقريب جي شروعات قومي تراني سان ٿي، جنهن ڪانپوءِ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاھ افتتاحي ڪلمات ادا ڪيا، سي اي او (CEO) ايس پي ايڇ ايف خالد محمود شيخ پروگرام جو هڪ جائزو پيش ڪيو

جنهن ۾ ان جي اڳڀرائي، پيماني ۽ ڪاميابين کي نمايان ڪيو ويو. تقريب ۾ فائدو حاصل ڪندڙ خاندانن جا تاثرات پڻ شامل هئا جن پنهنجي گهرن کي ٻيهر اڏڻ ۽ پنهنجي زندگين ۾ استحڪام واپس آڻڻ جا تجربا ٻڌايا

يورپي يونين جي هيڊ آف ڪوآپريشن مسٽر جيروم وليمز ۽ پاڪستان لاءِ ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر مس بولورما امگابازار پڻ تقريب کي خطاب ڪيو ۽ پروگرام جي اهميت ۽ سنڌ جي ٻوڏ کان پوءِ جي بحاليءَ ۾ مدد ڪندڙ ڀائيواريءَ کي ورجايو

ڪراچي (رپورٽر) 2022 جي ٻوڏ جي تباهيءَ ڪان وٺي هڪ مستقل گهرجي تحفظ تائين سنڌ جي هڪ ملين خاندانن پنهنجي زندگين کي ٻيهر سنوارڻ لاءِ هڪ تاريخي قدم کنيو آهي. سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (SPHF) سجي صوبي ۾ 1,007,111 آبهوا جي لحاظ ڪان لچڪدار گهر مڪمل ڪيا آهن جيڪا دنيا جي سڀ ڪان وڏي هائوسنگ ريڪنسٽرڪشن جي شروعات طور بيان/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

اي ڊي بي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان کي 50 ڪروڙ ڊالرن جي هنگامي مالي مدد جي منظوري

هن سهولت تحت ٻوڏ، زلزلي يا ٻين قدرتي آفتن جي صورت ۾ پاڪستان کي فوري بجيٽ مدد فراهم ڪئي ويندي، جنهن سان معيشت ۽ قومي خزاني تي پوندڙ دٻاءُ گهٽائڻ ۾ مدد ملندي

پاڪستان ۾ ٻوڏن، زلزلن ۽ ٻين قدرتي آفتن سبب هر سال سراسري طور 2 ارب ڊالرن جو نقصان ٿئي ٿو، 2022ع جي تباهيءَ واري ٻوڏ سبب 14 ارب 90 ڪروڙ ڊالرن جو سڌو سنئون نقصان ۽ 15 ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جو معاشي خسارو ٿيو هو

ان ٻوڏ جي نتيجي ۾ 91 لک ماڻهو غربت جي ورچڙهي ويا هئا قدرتي آفتن سبب غريب ۽ ٻهراڙيءَ وارا ماڻهو وڌيڪ متاثر ٿين ٿا، عورتن ۽ نياڻين کي به ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

اي ڊي بي جي ڪلائيميٽ اينڊ ڊزاسٽر ريزيلينس انهانسمنٽ پروگرام جي ٻئي مرحلي تحت پاڪستان ۾ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي تيارين، خطرن جي انتظام ۽ ترقياتي منصوبابنديءَ ۾ آفتن کان بچاءَ جا اپاءَ شامل ڪرڻ لاءِ سڌارن جي حمايت ڪئي ويندي

پروگرام ذريعي قدرتي آفتن ڪانپوءِ مالي وسيلن جي دستيابي بهتر بڻائڻ سان گڏ پاڪستان جي ڊزاسٽر رسڪ فنانسنگ نظام کي به مضبوط ڪيو ويندو

ٽيڪنڪي اڳواٽ تيارين ۾ سيڙپڪاري سان انساني جانيون ۽ روزگار بچائڻ، معاشي نقصان گهٽائڻ ۽ ترقياتي ڪاميابين کي محفوظ رکڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي: اي ڊي بي جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ايما فئن

اسلام آباد (بيورو) ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) پاڪستان کي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن جا اثر گهٽائڻ لاءِ 50 ڪروڙ ڊالرن جي هنگامي مالي مدد جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. هن سهولت تحت ٻوڏ، زلزلي يا ٻين قدرتي آفتن جي صورت ۾ پاڪستان کي فوري بجيٽ مدد فراهم ڪئي ويندي، جنهن سان معيشت ۽ قومي خزاني تي پوندڙ دٻاءُ گهٽائڻ ۾ مدد ملندي. اي ڊي بي موجب، پاڪستا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اقليتن جي حقن بابت قومي ڪميشن ايندڙ ڪجھ هفتن ۾ فعال ٿي ويندي: اعظم نذير تارڙ

اقليتن جي حقن بابت قومي ڪميشن ايڪٽ جي تياريءَ ۾ سمورين اقليتي برادرين سان صلاح مشورا ڪيا ويا

قومي ڪميشن جي چيئرمين ۽ ميمبرن جي نامزدگي ۽ مقرريءَ جو عمل وزيراعظم مخالف ڌر جي قائد ذريعي جاري آهي

حڪومت سمورن شهرين جي حقن جي تحفظ ۽ مذهبي هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ پُرعزم آهي

اسلام آباد (بيورو) قانون، انصاف ۽ انساني حقن بابت وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

نارٿ ڪراچي انڊسٽريل ايريا ۾ ترقياتي منصوبن جو سنگ بنياد

شهر جي صنعتي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ لاءِ 73 ڪروڙ 20 لک رپين جي ترقياتي منصوبن جو آغاز

ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب نارٿ ڪراچي انڊسٽريل ايريا ۾ منصوبن جو سنگ بنياد رکي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) شهر جي صنعتي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ لاءِ 73 ڪروڙ 20 لک رپين جي ترقياتي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب نيٽي جيٽي پل جو معائنو ڪري رهيو آهي

پاڪستان ڊسمبر ۽ جنوري ۾ ايل اين جي سپلائي لاءِ مليل مهانگا واڪ رد ڪري ڇڏيا

پاڪستان ايل اين جي لميٽڊ (پي ايل ايل) ٻنهي مهينن لاءِ 2 اسپاٽ ايل اين جي ڪارگوز جون ٻوليون طلب ڪيون هيون

ٻنهي ڪارگوز لاءِ مجموعي طور تي 3 ٻوليون مليون، ٻوليون 14 کان 16 ڊسمبر ۽ 9 کان 11 جنوري دوران ترسيل لاءِ طلب ڪيون ويون هيون

ڊسمبر جي ڪارگو لاءِ 27.27 کان 31 ڊالر في ملين برٽش ٿرمل يونٽ (ايم ايم بي ٽي يو) تائين ٻوليون مليون

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ڊسمبر ۽ جنوري ۾ ايل اين جي سپلائي لاءِ مليل مهانگا واڪ رد ڪري ڇڏيا پاڪستان ايل اين جي لميٽڊ (پي ايل ايل) ٻنهي مهينن لاءِ 2 اسپاٽ ايل اين جي ڪارگوز جون ٻوليون طلب ڪيون هيون پي ايل ايل / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

عمران خان جو پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) اسپتال ۾ طبي معائنو

عمران خان جو طبي معائنو ۽ اکين جو فالو اپ ٽريٽمينٽ ڪيو ويو جتي سندس طبي حالت معمول موجب هئي

باني پي ٽي آءِ جي عام جسماني حالت به اطمينان بخش ۽ مستحڪم قرار ڏني وئي آهي

اکين جي مرضن جي ماهر جي هدايت تي باني پي ٽي آءِ کي اک ۾ اينٽي وي اي جي ايف انجيڪشن لڳايو ويو

اسلام آباد (بيورو) باني پاڪستان تحريڪ انصاف عمران خان جو رات دير سان پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) اسپتال ۾ طبي معائنو ڪيو ويو پمز اسپتال انتظاميا طرفان جاري پڌرائي ۾ چيو ويو ته 10 ۽ 11 نومبر جي وچ واري رات باني پي ٽي آءِ کي اڊيالا جيل مان طبي معائني لاءِ پمز اسپتال اسلام آباد منتقل ڪيو ويو پڌرائي موجب عمران خان جو طبي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز جو ڊائريڪٽوريٽ آف آر اينڊ آر جو دورو، ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار

اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ عوامي مسئلن بابت خبرن جي بروقت نشاندهي ۽ انهن کي اثرائتي انداز ۾ اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ واري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي

ڊائريڪٽر آر اينڊ آر ڪامران خان، ڊائريڪٽر جنرل کي سيڪشن جي ذميوارين، اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ اهم خبرن جي نشاندهي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

هن سيڪشن جي مجموعي ڪارڪردگي ۽ جاري قدمن بابت پڻ آگاھ ڪيو. ڊائريڪٽر جنرل محمد يوسف ڪابورو سيڪشن جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار

ڊائريڪٽوريٽ آف آر اينڊ آر کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ سيڪشن کي ڪمپيوٽرائيزڊ ۽ ڊجيٽلائيز ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز محمد يوسف ڪابورو ڊائريڪٽوريٽ آف آر اينڊ آر جو دورو ڪيو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ عوامي مسئلن بابت خبرن جي بروقت نشاندهي ۽ انهن کي اثرائتي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي: لياري مان بلال پپو گروپ جا 2 ٽارگيٽ ڪلر گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي لياري ڪلاڪوٽ مان بلال پپو گروپ سان لاڳاپيل ٻن / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي: ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز محمد يوسف ڪابورو ڊائريڪٽوريٽ آف آر اينڊ آر جو دورو ڪري رهيو آهي

اسحاق ڊار جي صدارت ۾ پاڪستان ريلوي بابت اجلاس

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پاڪستان ريلوي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت اولهه روشم قتل ڪيس ۾ توهين عدالت جي درخواست تي جاچ آفيسر کي شوڪاز نوٽيس جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت اولهه روشم قتل ڪيس ۾ توهين عدالت جي درخواست/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

9 مئي ريڊيو پاڪستان حملي ڪيس ۾ عدالت سهيل آفريدي جا وارنٽ گرفتاري ٻيهر جاري ڪري ڇڏيا

دهشتگردي توڙ عدالت پشاور جي جج ولي محمد 9 مئي ريڊيو پاڪستان حملي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

جنهن ۾ وزيراعليٰ خيبر پختونخواھ سهيل آفريدي جا ٻيهر وارنٽ گرفتاري جاري ڪري ڇڏيا ويا

پشاور (م د) 9 مئي ريڊيو پاڪستان حملي ڪيس ۾ عدالت سهيل آفريدي جا وارنٽ گرفتاري ٻيهر جاري ڪري ڇڏيا دهشتگردي توڙ عدالت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

23 سالا نسيم اختر جي اغوا سان لاڳاپيل درخواست جي ٻڌڻي دوران پوليس عملدارن جي ڪارڪردگي تي ڪاوڙ جو اظهار

جوابدار سندس پيءُ نسيم اختر جي آزادي لاءِ لکين رپيا ڀنگ طلب ڪري رهيو آهي درخواستگذار جي وڪيل جهانگير ڪلهوڙو ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو: عدالت

پوليس عملدارن جي غفلت ۽ لاپرواهي سبب مغوي عورت جي بازيابي ۾ دير ٿي رهي آهي نسيم اختر کي هلندڙ سال جولاءِ ۾ قائد آباد مان ناظم نالي شخص اغوا ڪيو هو

عدالت پوليس عملدارن جي رويي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن سنجيدگي سان ڪوشش ڪئي وڃي ها

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ 23 سالا نسيم اختر جي اغوا سان لاڳاپيل درخواست جي ٻڌڻي دوران پوليس عملدارن جي ڪارڪردگي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي مغوي عورت جي بازيابي لاءِ 19 نومبر تائين اڳيرائي رپ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

انطاليه: وزيراعظم شهباز شريف جو ڪوپ-31 سربراهي اجلاس ۾ شرڪت دوران ترڪي صدر سان ملاقات ڪندي

ايران جنگ، پيٽ هيگسيٿ خلاف احتساب جي ڪوشش ناڪام

ايندڙ سال ڊيموڪريٽس جي ڪانگريس جو ڪنٽرول سنڀالڻ کان پوءِ ممڪن آهي ته هو ٻيهر مواخذي جي ڪوشش ڪن

واشنگٽن (م د) آمريڪي ايوان نمائندگان ۾ ريپبلڪن ميمبرن بچاءَ واري وزير پيٽ هيگسيٿ خلاف مواخذي جي ڪوشش ناڪام بڻائي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت سدائين صحافت جي آزاديءَ جو احترام ڪيو آهي: شرجيل انعام ميمڻ

صحافين جي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. پيپلز پارٽي ڏکيي عرصي تائين پاڻ ميڊيا ٽرائل جو شڪار رهي آهي

اسان تي ڪو به الزام ثابت ٿئي ته سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيون، پر غلط ۽ بي بنياد خبر خلاف شڪايت ڪرڻ اسان جو حق آهي. ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران صحافين جي احتجاج کي خطاب

هڪ صحافي اهڙي خبر نشر ڪئي، جيڪا سنڌ حڪومت لاءِ نقصانڪار هئي. ان خبر خلاف شڪايت ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ صحافي کي اداري مان برطرف ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت سدائين صحافت جي آزاديءَ جو احترام ڪيو آهي ۽ صحافين جي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. پيپلز پارٽي ڏکيي عرصي تائين پاڻ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ڪراچي: صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر اجلاس جي صدارت ڪندي

ايف آءِ اي اميگريشن جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪارروائي

پاسپورٽ جي صفحن ۾ ڦيرڦار ذريعي اڳوٽو سفري رڪارڊ لڪائڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي

قانوني ڪارروائي لاءِ اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل (اي ايڇ ٽي سي) ڪراچي منتقل ڪري ڇڏيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) فيڊرل انويسٽي گيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) اميگريشن جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪارروائي ڪندي پاسپورٽ جي صفحن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڪي ايم سي حڪومت سنڌ ۽ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي کي نوٽيس جاري، 23 نومبر تائين جواب طلب ڪري ورتو

مذڪوره پلاٽ 1968 ۾ فلاحي مقصدن لاءِ 99 سالا ليز تي الاٽ ڪيو ويو هو

2011 ۾ دستاويز ۾ موجود غلطي جي تصحيح به ڪي ايم سي ڪري ليز جي مدت 99 سال ڪري ڇڏي هئي

ڪراچي (رپورٽر) سينيئر سول جج اولهه جي عدالت اورنگي ٽائون ۾ ٻن ايڪڙن کان وڌيڪ فلاحي اراضي تي مبينا قبضي ۽ غير قانوني تجارت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڪراچي يونيورسٽي ۾ ڪي ايس پي پاليسي خلاف شاگردن جي احتجاج جو نوٽيس، ترت مسئلا ڪرڻ جو حڪم

شاگردن جا جائز مسئلا حل ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي: اسماعيل راهو

تعليمي سرگرمين جو تسلسل برقرار رکڻ ۽ شاگردن لاءِ سازگار تعليمي ماحول يقيني بڻائڻ خاطر ضروري قدم کنيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي يونيورسٽين واري وزير محمد اسماعيل راهو، ڪراچي يونيورسٽي ۾ ڪي ايس پي پاليسي خلاف شاگردن جي احتجا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ ايس آءِ يو پوليس پاپوش نگر ۾ ڀتو مافيا خلاف گڏيل آپريشن ڪندي 4 جوابدارن کي گرفتار

زخمي جوابدارن جي سڃاڻپ ضمير عرف پرنس، محمد شاڪر ۽ برڪت علي عرف براھ جي نالن سان ٿي

بنا ضرب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ محمد زهيم جي نالي سان ٿي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ ايس آءِ يو پوليس پاپوش نگر ۾ ڀتو مافيا خلاف گڏيل آپريشن ڪندي 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

مولانا فضل الرحمان سان گڏجي تحريڪ هلائڻ جو فيصلو هن وقت وقت کان اڳ هوندو: بئرسٽر گوهر

پي ٽي آءِ جي خواهش هئي ته مولانا فضل الرحمان سان سياسي اتحاد قائم ٿئي

مولانا فضل الرحمان سان ملاقاتن جو مقصد آل پارٽيز ڪانفرنس جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ هو

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين بئرسٽر گوهر چيو آهي ته مولانا فضل الرحمان سان گڏجي تحريڪ هلائڻ جو فيصلو هن وقت وقت کان اڳ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان بوهره بازار جو وفد ملاقات ڪندي

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاھ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسحاق ڊار پاران ازبڪستان جي پرڏيهي وزير بختيار سعيدوف سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ازبڪستان جي پرڏيهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اسحاق ڊار جي صدارت ۾ ليبر قانونن تي عملدرآمد بابت ڪميٽي جو اجلاس

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اربع ڏينهن هتي ليبر / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

شهباز شريف جون ڪوپ-31 جي سربراهي اجلاس جي موقعي تي عالمي اڳواڻن سان غير رسمي ملاقاتون

وزيراعظم شهباز شريف جي فلسطين جي وزيراعظم محمد مصطفيٰ سان پڻ ملاقات ٿي

وزيراعظم شهباز شريف فلسطيني عوام سان حڪومت ۽ پاڪستان جي عوام پاران ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪيو

انطاليه (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف ترڪي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

چشما-5 نيوڪليئر پاور پلانٽ جي ڊوم پليسمينٽ جي ڪامياب تقريب اهم سنگ ميل آهي: بئرسٽر دانيال چوڌري

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئرسٽر دانيال چوڌري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ريلوي واري وفاقي وزير سان سنڌ جي گورنر جي ملاقات

پاڪستان ريلوي ۾ بهتريءَ بابت مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سنڌ جي گورنر پاڪستان ريلوي ۾ جاري سڌارن ۽ انتظامي ۽ عملي بهتريءَ جي قدمن جي آجيان

اسلام آباد (بيورو) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي سان سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي ريلوي وزارت ۾ اهم ملاقات ڪئي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ڪراچي ۾ اهم ملاقات، پريس ڪلبن جي بجيٽ ۽ صحافين جي مسئلن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

پريس ڪلبن کي گهربل سهولتون ۽ مالي وسيلا فراهم ڪرڻ سان صحافتي سرگرمين کي هٿي ملي سگهي ٿي

ملاقات ڪي صحافتي برادري ۽ اطلاعات کاتي وچ ۾ رابطن کي مضبوط بڻائڻ جي حوالي سان اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سيڪريٽري اطلاعات /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: سنڌ جي سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار احمد شيخ سان سنڌ نيوز پيپر جي وفد اهم ملاقات ڪندي

سنڌ حڪومت پاران ربيع سيزن لاءِ سنڌ ويٽ گروورز سپورٽ پروگرام تحت 17 ارب رپين جي سبسڊي جاري ڪرڻ جو فيصلو

پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري 20 نومبر تي آبادگارن ۾ سبسڊي جي فراهمي جو افتتاح ڪندو

آبادگارن جي رجسٽريشن ۽ سبسڊي جي فراهمي واري افتتاحي تقريب جي تيارين جي حوالي سان اهم اجلاس منعقد ٿيو

جنهن ۾ زراعت کاتي جي سيڪريٽري محمد زمان ناريجو آبادگارن جي رجسٽريشن ۽ تقريب جي تيارين بابت بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ربيع سيزن لاءِ سنڌ ويٽ گروورز سپورٽ پروگرام تحت 17 ارب رپين جي سبسڊي جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي، جنهن تحت پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري 20 نومبر تي آبادگارن ۾ سبسڊي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

آمريڪي نيٽو واري وزير ايران طرفان قتل جون ڌمڪيون ملڻ ڪانپوءِ پنهنجو گهر ڇڏي فوجي اڏي تي رهائش اختيار ڪري ورتي

نيويارڪ ٽائمز جي رپورٽ موجب، آمريڪي اختيارين کي انٽيليجنس ڄاڻ ملي هئي

ايران طرفان موجود ۽ اڳوڻن آمريڪي عملدارن کي نشانو بڻائڻ جون رٿائون وڌيڪ منظم ۽ خطرناڪ ٿي رهيون آهن

آمريڪي خزاني واري وزارت جي ترجمان اسڪاٽ بيسنٽ جي فوجي اڏي تي منتقلي جي تصديق

واشنگٽن (م د) آمريڪي نيٽو واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ ايران طرفان قتل جون ڌمڪيون ملڻ ڪانپوءِ پنهنجو گهر ڇڏي فوجي اڏي تي رهائش اختيار ڪري ورتي آهي نيويارڪ ٽائمز جي رپورٽ موجب، آمريڪي اختيارين کي انٽيلي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ناصر حسين شاھ سان سي ايم بلوچستان ايمپلائيمينٽ پروگرام تحت تربيت حاصل ڪندڙ شاگردن جي وفد ملاقات

مائيڪرو فنانسنگ، آءِ ٽي شعبي ۾ ترقي ۽ سنڌ توڙي بلوچستان وچ ۾ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

نوجوانن کي هنرمند بڻائڻ ۽ معاشي طور خودمختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

وڏي وزير بلوچستان مير سرفراز بگٽي پاران شروع ڪيل اهو پروگرام نوجوانن جي روشن مستقبل ڏانهن اهم قدم آهي

تربيت مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ نوجوان قومي ۽ عالمي معيار جا هنرمند فرد بڻجي سامهون ايندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاھ سان سي ايم بلوچستان ايمپلائيمينٽ پروگرام تحت تربيت حاصل ڪندڙ شاگردن جي وفد ملاقات ڪئي، جنهن دوران نوجوانن کي جديد فني ۽ پيشورانه تربيت، روزگار ج/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه تقريب کي خطاب ڪندي

مورچا ڇڏي ڀڄي وڃڻ جو الزام 66 فوجين کي موت جي سزا

ڪنشاسا (م د) ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ آف ڪانگو جي فوجي عدالت ٻزدلي، بغاوت ۽ فوجي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

10 لک نوجوانن جي ٽريننگ ۽ 7 ٽي بي پي ايس ڪيپيسٽي پيدا ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو آهي: شزا فاطمه خواجه

اسلام آباد (بيورو) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو آهي، ته آرٽيفيشل انٽيل/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

موسميات کاتي پاران ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ جمعي ڏينهن هلڪي برسات پوڻ جي اڳڪٿي

اولهندي هوائن جو هڪ سسٽم ملڪ جي اولهندي ۽ مٿانهن علائقن کي متاثر ڪري رهيو آهي

جنهن سبب ڪراچي، ٺٽي، قمبر شهدادڪوٽ، ڄامشوري ۽ نوشهروفيروز جي ڪجهه علائقن ۾ هلڪي برسات جو امڪان

اسلام آباد (بيورو) موسميات کاتي ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ جمعي ڏينهن هلڪي برسات پوڻ جي اڳڪٿي ڪئي آهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڊائريڪٽر اطلاعات شهيد بينظير آباد محمد موسيٰ گوندل جي والد جي لاڏاڻي تي تعزيت، مرحوم جي مغفرت لاءِ دعائون

نواب شاھ (رپورٽر) ڊائريڪٽر اطلاعات شهيد بينظير آباد ڊويزن محمد موسيٰ گوندل سان سندس/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ڪراچيءَ جي ترقيءَ جو سفر رڪڻ نه ڏينداسين: ڪرم الله وقاصي

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت ڪراچيءَ جي اڏاوت ۽ ترقيءَ لاءِ پنهنجو آرام حرام ڪري ڇڏيو آهي

شهر جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۽ رهواسين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ترقياتي ڪمن جي رفتار تيز ڪئي پئي وڃي

ڪراچيءَ کي ٻيهر هڪ ترقي يافته ۽ خوشحال شهر بڻائڻ لاءِ هر سطح تي ڪم ڪرڻو پوندو

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچيءَ جي ترجمان ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي پارلياماني اڳواڻ ڪرم الله وقاصي چيو آهي ته ڪراچيءَ جي ترقي رڳو نعرن ۽ دعوائن سان ممڪن ناهي، پر ان لاءِ مسلسل محنت. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

خميس 12 نومبر 2026ع بمطابق پهرين جمادي الثاني 1448ھ

پرڏيهي پائيواري ۽ قومي مفادن جو تحفظ

دنيا هن وقت تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ سياسي، معاشي ۽ دفاعي حالتن مان گذري رهي آهي. مختلف علائقن ۾ جنگين، سرحدي تڪرارن، سياسي ڇڪتاڻ ۽ عالمي طاقتن جي مفادن واري مقابلي سبب امن ۽ استحڪام کي ڪيترائي خطرا درپيش آهن. يوڪرين جنگ کان وٺي وچ اوڀر جي ڇڪتاڻ ۽ فلسطين جي انساني بحران تائين، عالمي صورتحال اهو ثابت ڪيو آهي ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو مستقل حل ناهي، پر ان سان انساني زندگيون، معيشتون ۽ نسلون متاثر ٿين ٿيون. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان طرفان سعودي عرب ۽ ترڪي سان مڪي معاهدي کي ٽنهي ملڪن جي پائيواري جي علامت قرار ڏيڻ ۽ اهو واضح ڪرڻ ته معاهدو ڪنهن به ملڪ جي خلاف ناهي، هڪ اهم سفارتي موقف آهي. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جو بيان ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته پاڪستان دفاعي سهڪار کي محاذ آرائي بدران گڏيل تحفظ، علائقائي استحڪام ۽ امن جي دائري ۾ ڏسڻ چاهي ٿو.

پاڪستان لاءِ سعودي عرب ۽ ترڪي سان لاڳاپا تاريخي، مذهبي، دفاعي ۽ معاشي اهميت رکن ٿا، جڏهن ته چين، آمريڪا، جاپان ۽ ٻين ملڪن سان لاڳاپا به پرڏيهي پاليسي جا اهم حصا آهن. تنهن ڪري پاڪستان کي اهڙي متوازن پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي، جنهن سان دوست ملڪن سان سهڪار به وڌي ۽ ڪنهن هڪ عالمي ڌر جي مقابلي ۾ بيهڻ جو تاثر به پيدا نه ٿئي. دفاعي معاهدن جو مقصد ڪنهن ملڪ کي خطري ۾ وجهڻ نه، پر گڏيل سلامتي، دهشتگردي جي خاتمي ۽ خطي ۾ امن کي هٿي ڏيڻ هجڻ گهرجي. اهڙي پائيواري مان واپار، صنعت، ٽيڪنالاجي ۽ معاشي ترقي جا موقعا پڻ پيدا ڪرڻ گهرجن.

اسحاق ڊار مارگلا ڊائلاگ کي خطاب ڪندي عالمي قانونن جي غير منصفاڻي استعمال ۽ گڏيل قومن جهڙن ادارن جي محدود اثرائتي ڪردار تي به ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي. حقيقت اها آهي ته عالمي قانون تڏهن ئي اثرائتا ٿي سگهن ٿا، جڏهن انهن جو اطلاق طاقتور ۽ ڪمزور ملڪن لاءِ هڪجهڙو هجي. فلسطين ۾ انساني بحران ۽ ٻين علائقن ۾ جاري جنگين دوران عالمي ادارن جو محدود ڪردار ان ڳالهه جي ضرورت کي وڌيڪ واضح ڪري ٿو ته گڏيل قومن کي جنگبندي، انساني حقن جي تحفظ ۽ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن. عالمي طاقتن کي به پنهنجي مفادن کان مٿانهون ٿي ڳالهين، سفارتڪاري ۽ انصاف ذريعي امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. دنيا کي هٿيارن جي مقابلي بدران اعتماد، سهڪار ۽ گڏيل ترقي جي ضرورت آهي.

پاڪستان جو اهو موقف به اهم آهي ته ڪنهن به ملڪ جي سرزمين ٻئي ملڪ خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿيڻ گهرجي. خطي ۾ پائيدار امن لاءِ پاڙيسري ملڪن وچ ۾ اعتماد، سفارتي رابطا ۽ گڏيل سهڪار ضروري آهن. ڪنهن به اختلاف کي جنگ ۽ ڇڪتاڻ تائين پهچائڻ بدران ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جنگين جا اثر صرف حڪومتن تائين محدود نٿا رهن، پر عام ماڻهن جي زندگي، واپار، روزگار ۽ معيشت کي به متاثر ڪن ٿا. سعودي عرب ۽ ترڪي سان سهڪار کي به اهڙي وسيع سوچ تحت اڳتي وڌائڻ گهرجي، جيئن اهو دفاعي تعاون سان گڏ علائقائي امن ۽ معاشي استحڪام جو سبب بڻجي.

ٻئي طرف پاڪستان کي پنهنجي اندروني معاشي مسئلن تي به سنجيدگي سان ڌيان ڏيڻو پوندو. مهانگائي، بيروزگاري، پرڏيهي سيڙپڪاري جي کوٽ ۽ ادارن جي ڪمزور ڪارڪردگي جهڙا مسئلا رڳو عالمي معاهدن سان حل نه ٿيندا. ان لاءِ شفاف حڪمراني، قانون جي بالادستي، پاليسين ۾ تسلسل ۽ عوام کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ضروري آهي. حڪومت کي گهرجي ته هر عالمي پائيواري کي قومي مفادن، پارلياماني نگراني ۽ عوامي ڀلائي سان ڳنڍي، جيئن ان جا فائدا عام ماڻهن تائين به پهچي سگهن.

پاڪستان جي ڪاميابي ان ۾ آهي ته هو دفاعي طور مضبوط ٿيڻ سان گڏ عالمي امن جي ڪوششن ۾ به پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري، سڀني ملڪن سان برابري ۽ احترام جي بنياد تي لاڳاپا قائم رکي ۽ جنگين بدران ڳالهين ۽ تعاون کي هٿي ڏئي. مڪي معاهدي سميت عالمي پائيوارين تڏهن ئي حقيقي معنيٰ رکنديون، جڏهن انهن جو نتيجو امن، سلامتي، معاشي خوشحالي ۽ عوام جي بهتر مستقبل جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو. ڇو ته پائيدار امن صرف دفاعي طاقت سان نه، پر انصاف، اعتماد، برابري ۽ گڏيل ترقي سان قائم ٿيندو آهي.

ترمپ جو پاڪستان لاءِ نئون سفارتي فيصلو، نيتالي بيڪر کي آمريڪي سفير نامزد ڪري ڇڏيو

غلام مصطفيٰ جمالي

آمريڪا ۽ پاڪستان جا لاڳاپا ڪيترن ئي ڏهاڪن کان عالمي سياست جي اهم موضوعن ۾ شامل رهيا آهن. ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪڏهن ويجهڙائپ پيدا ٿي ته ڪڏهن پاليسي اختلافن سبب سفارتي فاصلا وڌيا. پر خطي جي بدلجندڙ حالتن ۾ پاڪستان جي جاگرافيائي اهميت ۽ آمريڪا جي عالمي ڪردار سبب ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا هميشه خاص اهميت رکندا آيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران پاڪستان لاءِ نيتالي بيڪر کي آمريڪي سفير نامزد ڪرڻ هڪ اهم سفارتي اڳڀرائي آهي، جنهن اسلام آباد ۽ واشنگٽن جي لاڳاپن بابت نئين بحث کي جنم ڏنو آهي.

وائيٽ هائوس جي 9 نومبر 2026ع واري اعلان موجب صدر ڊونلڊ ٽرمپ نيتالي بيڪر جو نالو پاڪستان ۾ آمريڪا جي سفير طور نامزد ڪرڻ لاءِ آمريڪي سينيٽ ڏانهن موڪليو آهي. اها ڳالهه واضح رهڻ گهرجي ته هن وقت بيڪر جي اهڙي نامزدگي ٿي آهي، سندس باقاعده مقرري اڃا آمريڪي سينيٽ جي منظوري سان مشروط آهي. جيڪڏهن سينيٽ کان منظوري ملي ٿي ته هوءَ پاڪستان ۾ آمريڪا جي مستقل سفير طور ذميواريون سنڀاليندي. لڳ ڀڳ ٻن سالن جي عرصي کان پوءِ پاڪستان ۾ آمريڪي سفير جي مستقل عهدي لاءِ نئين نامزدگي سامهون اچڻ کي ٻنهي ملڪن جي سفارتي رابطن جي حوالي سان اهم پيش رفت سمجهيو پيو وڃي.

نيتالي بيڪر ڪا نئين يا اڻڄاتل سفارتي شخصيت ناهي، پر هوءَ آمريڪي پرڏيهي خدمتن ۾ ڊگهو تجربو رکندڙ سفارتڪار آهي. سندس مڪمل نالو نيتالي اي بيڪر آهي. هوءَ آمريڪي پرڏيهي خدمتن جي سينيئر عهدي تي ڪم ڪندڙ سفارتڪارن ۾ شامل آهي. سندس تعليمي پسمنظر به اهم آهي. هن آمريڪا جي مشهور پرنسٽن يونيورسٽي مان بيچلر جي ڊگري حاصل ڪئي، جڏهن ته هارورڊ يونيورسٽي مان عوامي پاليسيءَ ۾ ماسٽرز جي تعليم مڪمل ڪئي. ان کان علاوه هن آمريڪا جي نيشنل ڊفينس يونيورسٽيءَ جي نيشنل وار ڪاليج مان پڻ تعليم حاصل ڪئي، جتي 2017ع ۾ کيس نمايان گريجوئيٽ قرار ڏنو ويو. سندس تعليمي ۽ عملي تجربو آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل رهيو آهي.

بيڪر جي سفارتي زندگيءَ جو هڪ اهم حصو وچ اوڀر ۽ اتر آفريڪا جي ملڪن ۾ گذريو آهي. هن ترڪمانستان جي گاديءَ واري شهر عشق آباد ۾ ثقافتي معاملن بابت آفيسر طور پڻ ڪم ڪيو. پاڪستان سان سندس اڳوڻو تعلق به موجود رهيو آهي، جتي هن آمريڪي سفارتخاني ۾ قونصلر آفيسر جون ذميواريون نڀايون. ان کان پوءِ هوءَ مختلف سفارتي عهدن تي ڪم ڪندي اڳتي وڌندي رهي. سندس تجربو رڳو سياسي ملاقاتن تائين محدود نه رهيو، پر معاشي معاملن، قونصلر خدمتن، علائقائي سلامتي ۽ ٻن ملڪن وچ ۾ سفارتي رابطن کي اڳتي وڌائڻ سان پڻ لاڳاپيل رهيو آهي.

نيتالي بيڪر آگسٽ 2021ع کان جولاءِ 2024ع تائين قطر جي گاديءَ واري شهر دوحا ۾ آمريڪي سفارتخاني جي نائب سربراهه طور ڪم ڪيو. قطر وچ اوڀر جي سياست ۾ اهم حيثيت رکي ٿو، جتي آمريڪي فوجي موجودگي، علائقائي سفارتڪاري ۽ مختلف ملڪن وچ ۾ ڳالهين جا معاملا اهم آهن. دوحا ۾ سندس ذميوارين دوران کيس خطي جي سياسي ۽ معاشي صورتحال کي ويجهڙائيءَ کان سمجهڻ جو موقعو مليو. ان کان اڳ هوءَ ليبيا ۾ آمريڪي سفارتي مشن جي نائب سربراهه ۽ وقتي ناظم الامور طور پڻ خدمتون انجام ڏئي چڪي آهي.

ليبيا ۾ سندس سفارتي تجربو خاص طور تي قابل ذڪر آهي. 2009ع کان 2011ع تائين هن اتي سياسي ۽ معاشي معاملن بابت ڪائونسلر طور ڪم ڪيو. اهو دور ليبيا جي سياسي تاريخ ۾ انتهائي اهم هو، ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ سياسي تبديليون ۽ عوامي احتجاج شدت اختيار ڪري رهيا هئا. 2011ع ۾ ليبيا جي انقلاب دوران آمريڪي سفارتخاني جي سيڪيورٽي سببن جي ڪري پنهنجو عملو واپس گهرائڻو پيو. اهڙي صورتحال ۾ ڪم ڪرڻ سان بيڪر کي سياسي بحرانن ۽ سفارتي مشڪلاتن کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو تجربو حاصل ٿيو.

سندس ڪيريئر ۾ ڪويت ۽ دبئي جون ذميواريون پڻ شامل رهيون آهن. ڪويت ۾ آمريڪي سفارتخاني جي معاشي ڪائونسلر طور ڪم ڪندي هن معاشي معاملن ۽ دفاعي تعاون بابت ڪم ڪيو. ان عرصي ۾ آمريڪي دفاعي ڪاتي سان گڏجي عراق مان آمريڪي فوجن جي واپسيءَ جي سلسلي ۾ سهڪار پڻ ڪيو. دبئي ۾ آمريڪي قونصلخاني جي ايران بابت علائقائي آفيس ۾ نائب ڊائريڪٽر طور ڪم ڪندي کيس ايران ۽ وچ اوڀر جي سياسي معاملن بابت ذميواريون مليون. ان کان سواءِ هوءَ آمريڪي پرڏيهي ڪاتي جي ويجهي اوڀر معاملن واري شعبي ۾ اتر آفريڪا جي معاملن بابت آفيس جي ڊائريڪٽر پڻ رهي. اهي سڀ ذميواريون ظاهر ڪن ٿيون ته سندس سفارتي تجربو ڪيترن ئي مختلف ملڪن ۽ حساس علائقائي معاملن سان جڙيل رهيو آهي.

هاڻي سندس موجوده حيثيت تي نظر وجهجي ته نيتالي بيڪر آگسٽ 2024ع ۾ پاڪستان پهتي ۽ آمريڪي سفارتخاني ۾ نائب سربراهه جي ذميواري سنڀالي. ان وقت پاڪستان ۾ آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم موجود هو. ڊونلڊ بلوم جي وڃڻ کان پوءِ جنوري 2025ع ۾ بيڪر کي آمريڪي سفارتي مشن جي ناظم الامور طور ذميواري ڏني وئي. ان وقت کان وٺي هوءَ اسلام آباد ۾ آمريڪي سفارتخاني جي سربراهي ڪري رهي آهي. هاڻي صدر ٽرمپ پاران سندس نالو سفير لاءِ نامزد ڪرڻ سان سندس سفارتي ڪيريئر ۾ هڪ نئون مرحلو شروع ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿيو آهي.

هن نامزدگي جي اهميت ان ڪري به وڌي وڃي ٿي، جو پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ واپار، معدنيات، سيڙپڪاري ۽ علائقائي سلامتي بابت رابطا جاري آهن. خاص طور تي ريڪوڊڪ منصوبو ٻنهي ملڪن جي معاشي سهڪار جو هڪ اهم مثال بڻجي رهيو آهي. 10 نومبر تي سامهون آيل رپورٽ موجب نيتالي بيڪر ٻڌايو ته آمريڪا جي ايڪسپورٽ امپورٽ بئنڪ ريڪوڊڪ ۾ ڪاپر ۽ ٻين اهم معدنيات جي منصوبن لاءِ 1.25 ارب ڊالرن جي مالي سهائتا جي منظوري ڏني آهي. اهو معاملو پاڪستان جي معدني وسيلن ۽ پرڏيهي سيڙپڪاريءَ جي حوالي سان اهميت رکي ٿو. جيڪڏهن اهڙا منصوبا شفافيت، قومي مفادن ۽ مقامي ماڻهن جي حقن کي نظر ۾ رکندي اڳتي وڌايا وڃن ته ملڪ جي معاشي ترقيءَ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپن جو ٻيو اهم پاسو سلامتي ۽ علائقائي امن آهي. افغانستان جي صورتحال، دهشتگرديءَ خلاف سهڪار، سرحدي سلامتي ۽ وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ اهڙا معاملا آهن، جن تي ٻنهي ملڪن جا مفاد هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. پاڪستان هميشه خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي ضرورت تي زور ڏيندو رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ آمريڪي سفير جي ذميواري رڳو سفارتي ملاقاتن تائين محدود نه هوندي، پر ٻنهي ملڪن وچ ۾ اعتماد وڌائڻ ۽ گڏيل معاملن کي اڳتي وڌائڻ پڻ سندس اهم ڪم هوندو.

پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته آمريڪا سان لاڳاپن کي رڳو امداد يا عارضي سياسي ضرورتن جي نظر سان نه ڏٺو وڃي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار، زراعت، تعليم، جديد ٽيڪنالاجي، توانائي، صنعت ۽ معدنيات جي شعبن ۾ ڊگهي مدي وارو سهڪار پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. پاڪستان وٽ قدرتي وسيلا، نوجوان آبادي ۽ اهم جاگرافيائي حيثيت موجود آهي، پر انهن وسيلن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ مضبوط پاليسين، شفاف انتظام ۽ عملي حڪمت عملي ضروري آهي. پرڏيهي سيڙپڪاري تڏهن ئي فائديمند ثابت ٿيندي، جڏهن ان مان ملڪ جي معيشت سان گڏ مقامي ماڻهن کي به روزگار ۽ ترقيءَ جا موقعا ملندا.

ٻئي طرف آمريڪا کي به پاڪستان سان لاڳاپن ۾ باهمي احترام ۽ برابريءَ جي اصولن کي اهميت ڏيڻي پوندي. ماضيءَ ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪيترائي ڀيرا اعتماد جي کوٽ پيدا ٿي، جنهن جا اثر سفارتي ۽ معاشي لاڳاپن تي پيا. تنهنڪري مستقبل ۾ ڪنهن به نئين سفارتي اڳڀرائي کي عملي نتيجن سان ڳنڍڻ ضروري آهي. پاڪستان کي پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ توازن برقرار رکندي چين، سعودي عرب، ترڪي ۽ ٻين دوست ملڪن سان لاڳاپن کي پڻ اهميت ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته عالمي سياست ۾ ڪنهن هڪ ملڪ تي مڪمل ڀاڙڻ بدران مختلف ملڪن سان متوازن لاڳاپا قائم ڪرڻ وڌيڪ اهميت رکي ٿو.

نيتالي بيڪر جي نامزدگي کي پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ نئين سفارتي باب جي شروعات طور ڏسي سگهجي ٿو، پر ان جا حقيقي نتيجا سندس مقرريءَ کان پوءِ سامهون ايندا. هن وقت سڀني جي نظر آمريڪي سينيٽ جي منظوريءَ تي آهي. جيڪڏهن منظوري ملي ٿي ته بيڪر کي هڪ اهڙي ملڪ ۾ سفير طور ڪم ڪرڻو پوندو، جيڪو علائقائي سياست، معاشي چئلينجن ۽ عالمي سفارتڪاريءَ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. سندس ماضيءَ جو تجربو، پاڪستان سان اڳوڻو تعلق ۽ موجوده سفارتي ذميواريون سندس نئين ڪردار لاءِ اهم پسمنظر فراهم ڪن ٿيون.

آخرڪار سوال رڳو اهو ناهي ته نيتالي بيڪر آمريڪا جي سفير بڻجندي يا نه، پر اصل سوال اهو آهي ته سندس مقرريءَ کان پوءِ پاڪستان ۽ آمريڪا جا لاڳاپا ڪهڙي عملي رخ ۾ اڳتي وڌندا؟ ڇا ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري وڌندي، ڇا پاڪستان جي معدني وسيلن مان ملڪ کي حقيقي فائدو ملندو ۽ ڇا علائقائي امن لاءِ سفارتي سهڪار مضبوط ٿيندو؟ انهن سوالن جا جواب ايندڙ وقت ۾ سامهون ايندا. پاڪستان کي گهرجي ته هن سفارتي موقعي مان فائدو وٺندي پنهنجي قومي خودمختياري، معاشي مفادن ۽ عوام جي خوشحاليءَ کي اوليت ڏئي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ جي اصل ڪاميابي ان جي عوام لاءِ پيدا ٿيندڙ عملي فائدن مان ئي پرکي ويندي.

غربت بابت ورلڊ بينڪ جي رپورٽ ۽ گرم تيل بحث

نصير ميمڻ

معاشي استحڪام بابت سرڪاري دعوائن جي ابتڙ، تازو جاري ڪيل رپورٽن جو هڪ سلسلو پاڪستان ۾ وڌندڙ غربت ۽ انساني ترقيءَ جي بحران بابت ڳڻتيءَ جوڳا ثبوت مُهيا ڪري ٿو. ورلڊ بئنڪ جي پاڪستان بابت غربت ۽ معاشي برابريءَ واري رپورٽ موجب، ملڪ ۾ غربت جي شرح 2018-19ع ۾ 22 سيڪڙو هئي، جيڪا وڌي 2024-25ع ۾ 29 سيڪڙو ٿي وئي آهي. ان جو مطلب آهي ته سڄي ملڪ ۾ لڳ ڀڳ 7 ڪروڙ ماڻهو غربت جي قومي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن. معاشي اڻبرابريءَ کي ماپڻ واري گيني انڊيڪس ۾ به اضافو ٿيو آهي، جيڪا 28.4 سيڪڙو مان وڌي 32.7 سيڪڙو ٿي وئي آهي، جيڪا گذريل 25 سالن جي بلند ترين سطح آهي. ورلڊ بئنڪ جي علائقائي معاشي جائزي واري رپورٽ موجب، انتهائي غربت جي زمري ۾ ايندڙ وچ اوڀر، اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان واري علائقي جي آباديءَ جو لڳ ڀڳ اڌ حصو پاڪستان ۾ رهي ٿو. ورلڊ بئنڪ غربت ۾ گهٽتائيءَ واري عمل جي ابتڙ رخ اختيار ڪرڻ جا سبب ڪورونا وبا سبب پيدا ٿيل معاشي ڌڪا، 2022ع جون تباهي آڻيندڙ ٻوڏون، مهانگائيءَ ۾ واڌ ۽ ڪرنسيءَ جي قدر ۾ گهٽتائي قرار ڏنا آهن.

گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام (يو اين ڊي پي) جي 2025ع جي عالمي گهڻ رخي غربت واري انڊيڪس ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پاڪستان جي 38.3 سيڪڙو آبادي، يعني 9 ڪروڙ 50 لک ماڻهو گهڻ رخي غربت جو شڪار آهن. اهي ماڻهو رڳو پئسن جي کوٽ نه، پر صحت جي سهولتن ۽ تعليم جهڙين بنيادي ضرورتن کان به محروم آهن. ان کانسواءِ وڌيڪ 3 ڪروڙ 20 لک ماڻهو گهڻ رخي غربت جي خطري کي منهن ڏئي رهيا آهن. پاڪستان ۾ غربت جي شرح 38.3 سيڪڙو آهي، جيڪا ڀارت جي 16.4 سيڪڙو ۽ بنگلاديش جي 14.9 سيڪڙو جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي آهي.

محروميءَ جي خطرناڪ صورتحال جو عڪس 2026ع جي عالمي بک واري انڊيڪس ۾ به نظر اچي ٿو، جنهن ۾ پاڪستان کي 122 ملڪن مان 106هين نمبر تي رکيو ويو آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ پاڪستان جو بک وارو اسڪور سڀ کان وڌيڪ آهي. رپورٽ موجب، خوراڪ جي شين جي قيمتن ۾ واڌ سبب گهرن جي خريداريءَ جي سگهه گهٽجي وئي آهي ۽ کاڌي پيتي جي شين تائين پهچ محدود ٿي وئي آهي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ملڪ ۾ خوراڪ جي کوٽ جي صورتحال 2018ع ۾ 'گهٽ' سطح کان وڌي 'وچولي' سطح تي پهچي وئي آهي، جڏهن ته ٻارن ۾ شديد غذائي کوٽ جي شرح به 'وڏي' سطح جي حد ڏانهن وڌي رهي آهي.

غربت جا بنياد ڏهاڪن کان جاري غلط عوامي پاليسين ۾ پيل آهن. اهي سڀ رپورٽون بحران جي سنگينيءَ کي ظاهر ڪن ٿيون. برٽش ميڊيڪل جرنل ۾ شايع ٿيل ذهني صحت بابت هڪ قومي سطح جي نمائنده سروي (2018ع کان 2022ع) ۾ به پريشان ڪندڙ حقيقتون سامهون آيون آهن. سروي موجب، هر ٽن پاڪستانين مان هڪ ڄڻو ڪنهن نه ڪنهن اهڙي ذهني يا روين جي بيماريءَ ۾ مبتلا آهي، جنهن جي طبي تشخيص ٿي سگهي ٿي؛ جڏهن ته هر پنجن مان هڪ ڄڻو صدمي کانپوءِ پيدا ٿيندڙ ذهني دٻاءَ واري بيماريءَ جي مقرر ڪيل معيارن تي پورو لهي ٿو. حيران ڪندڙ طور 6 سيڪڙو ماڻهن خودڪشيءَ جا خيال اچڻ جو اعتراف ڪيو، جڏهن ته ڏهن مان هڪ کان وڌيڪ ماڻهو ڊپريشن جو شڪار هئا. ذهني بيمارين جي اهڙي وڏي شرح کي گهٽ آمدني، تعليم جي کوٽ، بيروزگاري، عمر ۽ خانداني حالتن ۾ بگاڙ سان ڳنڍيو ويو آهي.

پاڪستان ۾ انساني ترقيءَ کي هميشه کان نظرانداز ڪيل ترجيح طور ڏٺو ويو آهي. يو اين ڊي پي جي انساني ترقيءَ بابت 2025ع جي رپورٽ ۾ پاڪستان کي 193 ملڪن مان 168هين نمبر تي رکيو ويو آهي، جڏهن ته پاڪستان انساني ترقيءَ جي 'گهٽ' درجي ۾ شامل آهي. افغانستان کانسواءِ خطي جا سڀئي ملڪ انساني ترقيءَ جي انڊيڪس ۾ پاڪستان کان اڳتي آهن.

غربت جا بنياد ڏهاڪن کان جاري غلط عوامي پاليسين ۽ خراب حڪمرانيءَ ۾ پيل آهن. انساني ترقيءَ کي رڳو ڏيکاءَ جي اهميت ڏني وئي آهي، اهو موضوع گهڻو ڪري سرڪاري تقريرن ۽ چونڊ منشورن تائين محدود رهندو آهي. جيئوٽيڪ ڪورونا وبا، ٻوڏن ۽ موسمياتي تبديليءَ معيشت کي سخت نقصان پهچايو آهي، پر انساني ترقيءَ جو موضوع حڪومت جي ترجيحن ۾ تمام گهٽ شامل نظر اچي ٿو جيوپوليٽيڪل صورتحال، سرحدن تي جاري ڇڪتاڻ ۽ تازوئي خليجي جنگ جي اثرن سبب وسيلا ۽ ڌيان انساني ترقيءَ کان هٽي سيڪيورٽيءَ جي ترجيحن ڏانهن منتقل ٿي ويا آهن. اندروني سلامتيءَ جا مسئلا به صورتحال کي وڌيڪ پيچيده بڻائي رهيا آهن، جن سبب برآمدات متاثر ٿيون آهن ۽ پرڏيهي سيڙپڪاريءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون پيدا ٿيون آهن. ٻن صوبن ۾ دهشتگرديءَ ۽ امن امان جي خراب صورتحال مقامي سيڙپڪاريءَ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي ماحول سبب ڪيترين ئي پرڏيهي ڪمپنين پنهنجا ڪاروبار بند ڪري پاڪستان جي مارڪيٽن مان پنهنجو سرمايو ڪڍي واپس وڃڻ تي مجبور ٿيون آهن.

زراعت، جيڪا ڊگهي عرصي تائين قومي معيشت جو بنياد ۽ لکين ماڻهن لاءِ خوراڪ جي تحفظ جو ذريعو رهي آهي، گذريل ڏهاڪن دوران منظم نموني تباهيءَ ڏانهن ڌڪجي وئي آهي. زرعي شين ۽ پيداواري وسيلن جي قيمتن ۾ تيز واڌ، پاڻيءَ جي شعبي جي ناقص انتظامڪاري، زمين جي تيزيءَ سان خراب ٿيندڙ حالت ۽ استحصالي مارڪيٽ قوتن هن اهم شعبي کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. توانائيءَ جي آسمان سان ڳالهائيندڙ قيمتن، بجليءَ جي غيريقيني فراهمي ۽ پيٽروليم سرچارجز سميت ڳرن ٽيڪسن زرعي شعبي لاءِ توانائي انتهائي مهانگي بڻائي ڇڏي آهي. پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ناقابل برداشت واڌ سبب ٽرانسپورٽ جا ڪرايا وڌي ويا آهن، جنهن سان ٻنيءَ کان مارڪيٽ تائين زرعي شين پهچائڻ جي خرچ ۾ به اضافو ٿيو آهي. نتيجي ۾ خوراڪ جي مهانگائيءَ لکين خاندانن کي پنهنجي خوراڪ جي استعمال ۾ ڪٽوتي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. افسوس جوڳي ڳالهه آهي ته پاڪستان ۾ لکين خاندانن لاءِ غربت ۽ بک هڪ وجودي چئلينج بڻجي چڪيون آهن. پر ان باوجود انهن مسئلن تي قومي سطح تي ڌيان ڏيڻ جو فقدان آهي. اهي مسئلا قومي بحث مباحثي ۾ تمام گهٽ جاءِ حاصل ڪن ٿا، خاص طور تي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي، جتي گورنر راڄ ۽ نون صوبن جهڙن موضوعن تي جذباتي ۽ شور شرابي وارا ٽاڪ شوز لڳاتار نشر ٿيندا رهن ٿا. عوام کي اصل مسئلن کان ڌيان هٽائڻ ۽ اهم رپورٽن جي نتيجن کي بحث ۾ شامل نه ڪرڻ سان شهرين جي مايوسي گهٽائي نٿي سگهجي.

جنوري دوران ترسيل لاءِ طلب ڪيون ويون هيون ذريعن پي ايل ايل موجب ڊسمبر جي ڪارگو لاءِ 27.27 کان 31 ڊالر في ملين برٽش ٿرمل يونٽ (ايم ايم بي ٽي يو) تائين بوليون مليون جڏهن ته جنوري جي ڪارگو لاءِ صرف هڪ بولي 27.01 ڊالر في ايم ايم بي ٽي يو جي ملي دستاويز موجب ڊسمبر جي ايل اين جي ڪارگو لاءِ 24 ارب 43 ڪروڙ کان 27 ارب 77 ڪروڙ رپين تائين قيمت طلب ڪئي وئي، جڏهن ته جنوري جي ڪارگو لاءِ 24 ارب 28 ڪروڙ رپين جو واڪ ٿيو

بقايا *** 01

ن ۾ ٻوڏن، زلزلن ۽ ٻين قدرتي آفتن سبب هر سال سراسري طور 2 ارب ڊالرن جو نقصان ٿئي ٿو جڏهن ته 2022ع جي تباهيءَ واري ٻوڏ سبب 14 ارب 90 ڪروڙ ڊالرن جو سڌو سنئون نقصان ۽ 15 ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جو معاشي خسارو ٿيو هو ان ٻوڏ جي نتيجي ۾ 91 لک ماڻهو غربت جي ورچڙهي ويا هئا. ماهرن جو چوڻ آهي ته قدرتي آفتن سبب غريب ۽ ٻهراڙيءَ وارا ماڻهو وڌيڪ متاثر ٿين ٿا، جڏهن ته عورتن ۽ ٻارڙن کي ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو اي ڊي بي جي ڪلائيميٽ اينڊ ڊزاسٽر ريزيلينس انهانسمنٽ پروگرام جي ٻئي مرحلي تحت پاڪستان ۾ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي تيارين، خطرن جي انتظام ۽ ترقياتي منصوبابنديءَ ۾ آفتن کان بچاءَ جا اپاءَ شامل ڪرڻ لاءِ سڌارن جي حمايت ڪئي ويندي. پروگرام ذريعي قدرتي آفتن کانپوءِ مالي وسيلن جي دستيابي بهتر بڻائڻ سان گڏ پاڪستان جي ڊزاسٽر رسڪ فنانسنگ نظام کي به مضبوط ڪيو ويندو پاڪستان ۾ اي ڊي بي جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ايما فئن چيو آهي ته قدرتي آفتن دوران سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ آباديءَ ۾ عام طور ڪمزور ۽ محروم طبقا شامل هوندا آهن. تنهنڪري اڳواٽ تيارين ۾ سيڙپڪاري سان انساني جانيون ۽ روزگار بچائڻ، معاشي نقصان گهٽائڻ ۽ ترقياتي ڪاميابين کي محفوظ رکڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. هن چيو ته اهو پروگرام پاڪستان کي اهم سڌارن تي عملدرآمد ۽ مستقبل کي وڌيڪ محفوظ ۽ مستحڪم بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو پروگرام قدرتي آفتن جي خطرن کي منهن ڏيڻ بابت پاڪستان جي قومي ترجيحن ۽ ايشيا توڙي پئسفڪ خطي ۾ موسمياتي تبديلين ۽ قدرتي آفتن خلاف مضبوط نظام کي هٿي ڏيڻ واري اي ڊي بي جي عزم سان هم آهنگ آهي.

بقايا *** 02

ه اقليتن جي حقن واري ايڪٽ 2025ع بابت قومي ڪميشن اقليتن جي حقن جي تحفظ ۽ سندن مسئلن جي اثرائتي حل لاءِ اهم قانوني اڳڀرائي آهي، اميد آهي ته قومي ڪميشن ايندڙ ڪجهه هفتن ۾ فعال ٿي ويندي اربع ڏينهن بين المذاهب هم آهنگي ۽ امن ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته اقليتن جي حقن بابت قومي ڪميشن ايڪٽ جي تياريءَ ۾ سمورين اقليتي برادرين سان صلاح مشورا ڪيا ويا ۽ ٻه ساله مشاورتي عمل کان پوءِ گڏيل طور تي مسودو تيار ڪيو ويو. قومي ڪميشن جي چيئرمين ۽ ميمبرن جي نامزدگي ۽ مقرريءَ جو عمل وزيراعظم مخالف ڌر جي قائد ذريعي جاري آهي. وفاقي وزير چيو ته حڪومت سمورن شهرين جي حقن جي تحفظ ۽ مذهبي هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ پُرعزم آهي، مذهبي آزادي، برابريءَ وارا حق ۽ انساني وقار جو تحفظ هڪ پُرامن ۽ متحد معاشري جو بنياد آهن. هن چيو ته پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 20، 25 ۽ 36 ۾ مذهبي آزادي، مساوات ۽ اقليتن جي حقن جي تحفظ جي ضمانت ڏني وئي آهي، مذهبي اقليتون تعليم، صحت، عوامي خدمت، عدليه ۽ هٿياربند فوج سميت قومي ترقيءَ جي مختلف شعبن ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. اعظم نذير تارڙ چيو ته مذهبي هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ اجتماعي ذميداري، تعليم، ذميدار مذهبي قيادت ۽ بامعنيٰ ڳالهين ضرورت آهن. بار ايسوسيئيشنز کي پڻ قانوني آگاهي کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪمزور طبقن جي معاونت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. وفاقي وزير هولي سٽي (ويٽيڪن) سان پاڪستان جي جٽادار ناتن ۽ بين المذاهب ڳالهين کي هٿي ڏيڻ ۾ ان جي ڪردار کي پڻ ساراهيو. ڪانفرنس ۾ قانون ۽ انصاف واري مملڪتي وزير بئريسٽر عقيل ملڪ پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 03

منصوبن جو آغاز ڪيو ويو آهي. ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب نارٿ ڪراچي انڊسٽريل ايريا ۾ منصوبن جو سنگ بنياد رکي ڇڏيو نارٿ ڪراچي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري پاران ترقياتي منصوبن جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ صنعتڪارن شرڪت ڪئي. مرتضيٰ وهاب چيو ته صنعتي علائقن ۾ روڊن ۽ بنيادي سهولتن جي بهتري سان ڪاروباري سرگرمين، روزگار ۽ برآمدن کي هٿي ملندي. انهن منصوبن تي 73 ڪروڙ 20 لک رپيا خرچ ڪيا ويندا. نارٿ ڪراچي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري جي صدر فيصل معيز خان چيو ته شهر جي صنعتن کي توانائي ۽ پاڻي جي فراهميءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، صوبائي حڪومت ۽ صنعتي شعبي کي گڏجي ويهي جامع منصوبو تيار ڪرڻو پوندو مرتضيٰ وهاب چيو ته سنڌ جي گئس ٻين صوبن ڏانهن منتقل ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته مقامي صنعتن کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، ميئر ڪراچي شهر لاءِ پاڻي جي فراهمي وڌائڻ جو مطالبو ڪندي صنعتڪارن کي مسئلن جي حل لاءِ سهڪار جي خاطري پڻ ڪرائي.

بقايا *** 04

ن ۾ عبوري ضمانتن ۾ 26 نومبر تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي عدالت جي جج امجد علي شاهه درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران بشريٰ بي بي طرفان وڪيل محمد فيصل ملڪ ۽ سندس قانوني ٽيم عدالت ۾ پيش ٿي جڏهن ته پراسيڪيوشن ٽيم به ڪمري عدالت ۾ موجود هئي عدالت عبوري ضمانتن ۾ 26 نومبر تائين واڌ ڪندي درخواستن جي وڌيڪ ٻڌڻي ڪارروائي کان سواءِ ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 05

دستاويز موجب ٻنهي ڪارگوز لاءِ مجموعي طور تي 3 بوليون مليون، بوليون 14 کان 16 ڊسمبر ۽ 9 کان 11

بقايا *** 06

معائنو ۽ اکين جو فالو اپ ٽريٽمينٽ ڪيو ويو جتي سندس طبي حالت معمول موجب هئي جڏهن ته باني پي ٽي آءِ جي عام جسماني حالت به اطمينان بخش ۽ مستحڪم قرار ڏني وئي آهي پمز ذرائع موجب اکين جي مرضن جي ماهر جي هدايت تي باني پي ٽي آءِ کي اڪ اينٽي وي اي جي ايف انجيڪشن لڳايو ويو انجيڪشن لڳائڻ جو عمل ٽيم مڪمل ڪيو انجيڪشن جو عمل طبي رضامندي ۽ سمورين احتياطي تدبيرن تحت مڪمل ڪيو ويو، باني پي ٽي آءِ انجيڪشن جي عمل کان اڳ، دوران ۽ بعد ۾ طبي طور تي مستحڪم رهيو، رات لڳ ڀڳ 2 وڳي 30 منٽن تي پمز اسپتال مان ڊسچارج ڪري ڇڏيو ويو جڏهن ته وڌيڪ علاج ۽ فالو اپ لاءِ ضروري طبي هدايتون به ڏنيون ويون جيل ذريعن جو چوڻ آهي ته طبي معائني بعد باني پي ٽي آءِ عمران خان کي واپس جيل منتقل ڪري ڇڏيو باني پي ٽي آءِ جي جيل مان اسپتال ۽ واپسي دوران سخت سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويا هئا

بقايا *** 07

انداز ۾ اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ واري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي، ته جيئن انهن مسئلن جي حل لاءِ ترت قدم کڻي سگهجن. ان موقعي تي ڊائريڪٽر آر اينڊ آر ڪامران خان، ڊائريڪٽر جنرل کي سيڪشن جي ذميوارين، اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ اهم خبرن جي نشاندهي، درجي بندي ۽ لاڳاپيل اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ واري طريقيڪار بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن سيڪشن جي مجموعي ڪارڪردگي ۽ جاري قدمن بابت پڻ آگاهه ڪيو ڊائريڪٽر جنرل محمد يوسف ڪابورو سيڪشن جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته عوامي مسئلن جي اثرائتي نشاندهي ۽ انهن جي حل لاءِ اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ خبرن کي بروقت لاڳاپيل اختيارين تائين پهچائڻ انتهائي اهم آهي. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڊائريڪٽوريٽ آف آر اينڊ آر کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ سيڪشن کي ڪمپيوٽرائيزڊ ۽ ڊجيٽلائيز ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن هدايت ڪئي ته اخبارن جي خبرن جي مانيٽرنگ، رڪارڊ جي محفوظ ترتيب ۽ اهم خبرن کي بروقت اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ واري نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪيو وڃي، ته جيئن عوامي شڪايتن جي ازالي ۽ مسئلن جي حل ۾ وڌيڪ بهتري آڻي

بقايا *** 08

ٽارگيٽ ڪلرن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ اذان ۽ يحيٰ جي نالن سان ٿي آهي، جن جو تعلق لياري گينگ وار جي بلال پپو گروپ سان آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار 2022ع ۾ انسپيڪٽر چاند خان نيازي جي قتل واري ڪيس ۾ مفرور ۽ اشتهاري هئا. پوليس موجب جوابدار لياري گينگ وار جي سرغنه عزير بلوچ جي ڀاءُ زبير جي قتل واري ڪيس ۾ به ملوث ڄاڻايا ويا آهن.

بقايا *** 09

جي بهتري ۽ ان کي جديد رخن تي قائم ڪرڻ سميت اداري جي نئين سرجوڙجڪ بابت تجويزن جو جائزو وٺڻ جي لاءِ اربع ڏينهن هتي هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي. سماجي رابطي جي پليٽ فارم ايڪس تي هڪ بيان موجب اجلاس ۾ ريلوي جي بنيادي ڍانچي کي جديد بڻائڻ ۽ مالي استحڪام يقيني بڻائڻ جي لاءِ مالي مدد جي مختلف طريقيڪار ۽ آپريشنل ماڊلز جو جائزو ورتو ويو شرڪت ڪندڙن نئين سر تنظيم سازي جي مختلف امڪانن تي غور ڪيو جن ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ، مقامي بئنڪن کان مالي مدد ۽ عالمي فنڊنگ جو طريقيڪار شامل آهن. نائب وزيراعظم ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جديد، موثر ۽ مالي طور تي پائيدار ريلوي نيٽ ورڪ قومي اقتصادي انضمام ۽ علائقائي رابطن جي فروغ جي لاءِ انتهائي اهميت رکندڙ آهي. هن لاڳاپيل وزارتن ۽ مالي ادارن کي هدايت ڪئي ته اهي مالي مدد جي سمورن ممڪن ذريعن جو جائزو وٺن، خاص طور تي مين لائين ون (ايم ايل ون) منصوبي جي روهڙي کان ملتان سيڪشن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي لاءِ ڪمرشل بئنڪن کان مالي مدد هاصل ڪرڻ جو مناسب طريقيڪار جوڙڻ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. اجلاس ۾ وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي گورنر، ريلوي ۽ اقتصادي معاملن واري ڊويزن جي سيڪريٽرين، ناڻي واري اسپيشل سيڪريٽري سميت لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 10

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ويسٽ، ايس ايس پي ويسٽ، ايس آءِ او ۽ جاچ آفيسر کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي 17 نومبر تائين وضاحت طلب ڪري ورتي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اولهه جي عدالت ۾ روشم قتل ڪيس سان لاڳاپيل توهين عدالت جي درخواست جي ٻڌڻي ٿي هن موقعي تي عدالت جاچ آفيسر جي تبديلي نه ٿيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي استفسار ڪيو ته جاچ آفيسر کي تبديل ڇو نه ڪيو ويو عدالت درخواست تي آءِ جي سنڌ سميت لاڳاپيل پوليس عملدارن ۽ جاچ آفيسر کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي هدايت ڪئي ته هو 17 نومبر تائين پنهنجو جواب ۽ وضاحت پيش ڪن.

بقايا *** 11

پشاور جي جج ولي محمد 9 مئي ريڊيو پاڪستان حملي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ وزيراعليٰ خيبر پختونخواهه سهيل آفريدي جا ٻيهر وارنٽ گرفتاري جاري

ڪري ڇڏيا ويا ٻڌڻي جي موقعي تي اڳوڻا وزير تيمور سليم جهگڙا، ڪامران بنگش ۽ عرفان سليم پنهنجن وڪيلن سميت پيش ٿيا. جتي عدالت ٽنهي اڳوڻن وزيرن جي عبوري ضمانت ۾ 17 نومبر تائين واڌ ڪري ڇڏي جوابدارن جي وڪيلن عدالت کي چيو ته اسان اڄ تيار نه آهيون، اسان کي وقت ڏنو وڃي ۽ ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪئي وڃي جوابدارن جي وڪيلن جي درخواست تي عدالت ٻڌڻي 17 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا *** 12

ورٽ طلب ڪري ورتي ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر رپورٽ پيش ڪندي ٻڌايو ته نسيم اختر کي سنڌ کان ٻاهر منتقل ڪيو ويو آهي ۽ صوبي کان ٻاهر ڪارروائي لاءِ ايس ايس پي، ڊي آءِ جي سميت اعليٰ پوليس عملدارن جي منظوري گهربل آهي درخواستگذار عبدالله عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار سندس ڀيڻ نسيم اختر جي آزادي لاءِ لکين رپيا ڀنگ طلب ڪري رهيو آهي درخواستگذار جي وڪيل جهانگير ڪلهوڙو ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته پوليس عملدارن جي غفلت ۽ لاپرواهي سبب مغوي عورت جي بازيابي ۾ دير ٿي رهي آهي نسيم اختر کي هلندڙ سال جولاءِ ۾ قائد آباد مان ناظم نالي شخص اغوا ڪيو هو عدالت پوليس عملدارن جي رويي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن سنجيدگي سان ڪوشش ڪئي وڃي ها ته ايتري عرصي ۾ ڇوڪري کي بازياب ڪرائي سگهجي ها دفتري معاملن کي بهتر نموني نبيڙيو وڃي ته عوام کي وڌيڪ رليف فراهم ڪري سگهجي ٿو عدالت پوليس عملدارن کي هدايت ڪئي ته 19 نومبر تائين مغوي عورت جي بازيابي لاءِ ڪيل ڪوشش ۽ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو وڃي.

بقايا *** 13

هوندو هن چيو ته پي ٽي آءِ جي خواهش هئي ته مولانا فضل الرحمان سان سياسي اتحاد قائم ٿئي، جڏهن ته ٻئي جماعتون گڏيل اپوزيشن جو حصو آهن. بئريسٽر گوهر موجب، مولانا فضل الرحمان سان ملاقاتن جو مقصد آل پارٽيز ڪانفرنس جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ هو جيل ۾ ملاقاتن بابت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان ڪندي هن اميد ظاهر ڪئي ته عدالتي حڪمن تي عمل ڪيو ويندو ۽ مڪاني چونڊن بابت ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو ته پي ٽي آءِ چونڊ عمل جو بائيڪاٽ نه بيئي ڪري، پر چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺندي.

بقايا *** 14

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 3 جوابدار زخمي ٿي پيا ترجمان پاڪستان رينجرز سنڌ موجب ڪارروائي دوران صمد ڪاٺياواڙي ۽ جميل چانگا گروهه جي 3 انتهائي گهربل ڪارندن کي زخمي حالت ۾ جڏهن ته هڪ جوابدار کي بغير مزاحمت گرفتار ڪيو ويو. زخمي جوابدارن جي سڃاڻپ ضمير عرف پرنس، محمد شاڪر ۽ برڪت علي عرف براهه جي نالن سان ٿي، جڏهن ته بنا ضرب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ محمد زهير جي نالي سان ٿي، جوابدارن جي قبضي مان هٿيار ۽ ايمونيشن به هٿ ڪيو ويو ترجمان موجب 24 آڪٽوبر 2026 کان هيل تائين ڪراچي ۾ ڀتو مافيا خلاف رينجرز ۽ ايس آءِ يو پوليس جي هي چوٿين وڏي ڪارروائي آهي، گرفتار جوابدار صمد ڪاٺياواڙي ۽ جميل چانگا کي ڪاروباري ماڻهن جون معلومات فراهم ڪرڻ کان علاوه ڀتو نه ڏيڻ تي خوف ۽ هراس ڦهلائڻ لاءِ فائرنگ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ به ملوث آهن رينجرز موجب گرفتار جوابدار برڪت علي عرف براهه عادي ڏوهاري آهي.

بقايا *** 15

ج جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل اختيارين کي شاگردن جا مسئلا فوري حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي صوبائي وزير سنڌ جي يونيورسٽين واري سيڪريٽري غلام عباس بلوچ ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر سان رابطو ڪري شاگردن جا خدشا ۽ مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي محمد اسماعيل راهو چيو ته شاگردن جا جائز مسئلا حل ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي تعليمي سرگرمين جو تسلسل برقرار رکڻ ۽ شاگردن لاءِ سازگار تعليمي ماحول يقيني بڻائڻ خاطر ضروري قدم کنيا وڃن هن واضح ڪيو ته داخلا پاليسيءَ جي معاملي ۾ ڪنهن به شاگرد سان ناانصافي نه ٿيڻ گهرجي، سمورن شاگردن کي ميرٽ ۽ شفافيت جي بنياد تي هڪجهڙا موقعا فراهم ڪيا وڃن.

بقايا *** 16

ي ليزون جاري ڪرڻ خلاف داخل دعويٰ تي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي)، حڪومت سنڌ ۽ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي کي نوٽيس جاري ڪندي 23 نومبر تائين جواب طلب ڪري ورتوپاڪستان ريڊ ڪريسنٽ سوسائٽي جي وڪيل عثمان فاروق ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته مذڪوره پلاٽ 1968 ۾ فلاحي مقصدن لاءِ 99 سالا ليزتي الاٽ ڪيو ويو هو جنهن جو دستاويز 1980 ۾ رجسٽرڊ ٿيو جڏهن ته 2011 ۾ دستاويز ۾ موجود غلطي جي تصحيح به ڪي ايم سي ڪري ليزجي مدت 99 سال ڪري ڇڏي هئي وڪيل موجب پلاٽ تي گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڊسپينسري، ويڪسينيشن سينٽر، جنرل وارڊ ۽ هنگامي امدادي سامان جو گودام قائم آهي.

بقايا *** 17

۾ قيرقار ذريعي اڳوڻو سفري رڪارڊ لڪائڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏيترجمان ايف آءِ اي موجب اتر قبرص ويندڙ مسافر کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل (اي ايڇ ٽي سي) ڪراچي منتقل ڪري ڇڏيو ويو سانگهڙ جو رهواسي مسافر سيف الله استنبول ويزا تي استنبول رستي اتر قبرص (ٽي آر اين سي) وڃي رهيو هو، اميگريشن ڪليئرنس دوران جاچ پڙتال ۾ انڪشاف ٿيو ته مسافر مارچ 2026 ۾ پنهنجي اڳوڻي پاسپورٽ تي اتر قبرص ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر کيس داخلا کان روڪي پاڪستان واپس موڪليو ويو هو ترجمان موجب مسافر کي جون 2026 ۾ لاهور ايئرپورٽ تي به آف

لوڊ ڪيو ويو هو، وڌيڪ جاچ پڙتال دوران انڪشاف ٿيو ته مسافر پنهنجي پراڻي پاسپورٽ مان ترڪ ويزا ۽ آف لوڊنگ جي مهر هٽرائي ڇڏي هئي بعد ۾ نئون پاسپورٽ حاصل ڪيو جنهن ۾ اڳوڻن سفري واقعن جو رڪارڊ موجود نه هو ابتدائي معلومات موجب مسافر سفري دستاويز قبرص ۾ رهندڙ حرمين نالي ايجنٽ ذريعي تيار ڪرايا هئا، ايجنٽ جي ڪردار سميت پاسپورٽ جي صفحن ۾ قيرقار ۽ اڳوڻو سفري رڪارڊ لڪائڻ واري معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ايف آءِ اي اميگريشن مسافر کي لاڳاپيل دستاويزن سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ اي ايڇ ٽي سي ڪراچي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا *** 18

ميڊيا ٽرائل جو شڪار رهي آهي، پر ان باوجود سنڌ حڪومت ڪڏهن به ڪنهن ميڊيا اداري جا اشتهار بند نه ڪيا آهن ۽ نه ئي صحافت جي آزاديءَ تي ڪا پابندي لڳائي. هن چيو ته اسان تي ڪو به الزام ثابت ٿئي ته سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيون، پر غلط ۽ بي بنياد خبر خلاف شڪايت ڪرڻ اسان جو حق آهي. ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران صحافين جي احتجاج کي خطاب ڪندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هڪ صحافي اهڙي خبر نشر ڪئي، جيڪا سنڌ حڪومت لاءِ نقصانڪار هئي. ان خبر خلاف شڪايت ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ صحافي کي اداري مان برطرف ڪيو ويو بهرحال، مون پاڻ لاڳاپيل اداري کي فون ڪري درخواست ڪئي ته صحافي کي ٻيهر بحال ڪيو وڃي. هن چيو ته شڪايت ڪرڻ جو مقصد ڪنهن صحافي کي بيروزگار ڪرڻ نه، پر غلط ۽ بي بنياد خبر جي نشاندهي ڪرڻ آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو جيترو ميڊيا ٽرائل ڪيو ويو آهي، شايد ئي ڪنهن ٻي سياسي جماعت جو ايترو ميڊيا ٽرائل ٿيو هجي. وڏن وڏن ميڊيا ادارن به پيپلز پارٽي خلاف غلط انداز ۾ ميڊيا ٽرائل ڪيو، پر اسان ڪڏهن به ڪنهن اداري خلاف ڪو غلط قدم نه کنيو. صحافت جي آزاديءَ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڪردار سدائين اهم رهيو آهي. صدر آصف علي زرداري جو سڀ کان وڌيڪ ميڊيا ٽرائل ڪيو ويو پر هن ڪڏهن به ڪنهن ميڊيا اداري خلاف ڪا ڳالهه نه ڪئي. سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪڏهن به صحافت جي آزاديءَ تي پابندي نه لڳائي آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان براڊڪاسٽرز ايسوسيئيشن (پي بي اي) ۽ آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) اسان کي خط لکي ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي ته سنڌ حڪومت ميڊيا لاءِ جيترو ڪم ڪيو آهي، اوترو ڪنهن ٻي حڪومت نه ڪيو آهي. اشتهارن جون ادائگيون وفاقي حڪومت ۽ ٻين صوبائي حڪومتن طرفان به ڪيون وينديون آهن، پر سنڌ واحد صوبو آهي جنهن انهن ادائگين کي وقت سر يقيني بڻايو آهي. وفاقي حڪومت ۽ ٻين صوبن جي اشتهارن جا بل التوا جو شڪار ٿي سگهن ٿا، پر سنڌ حڪومت جون ادائگيون دير جو شڪار نه ٿينديون. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان اطلاعات کاتي کي هدايت ڪندا آهيون ته ميڊيا ادارن کي وقت سر ادائگيون ڪيون وڃن، جيئن اهي پنهنجن ورڪرن کي وقت تي پگهارون ڏئي سگهن. سنڌ جو اطلاعات کاتو ان حوالي سان سڀني کان اڳتي آهي. سنڌ حڪومت کي اڪثر تنقيد جو نشانو بڻايو ويندو آهي، پر اسان ڪڏهن به ان ڳالهه جو برو نه مڃيو آهي ۽ نه ئي ڪنهن ميڊيا اداري جا اشتهار بند ڪيا آهن. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سدائين صحافين سان گڏ بيٺل رهي آهي ۽ اڳتي به گڏ بيٺل رهندي. خبر ڏيڻ هر ڪنهن جو حق آهي، پر خبر حقيقتن تي ٻڌل هجڻ گهرجي. خبر کي پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن تي مڙهڻ درست ناهي. پنهنجي سوچ ۽ راءِ کي حقيقتن طور پيش ڪرڻ صحافت ناهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مير رضا قتل ڪيس جي معاملي تي سوشل ميڊيا تي ٻن سياسي جماعتن هڪ گيسٽ هائوس کي منهنجي نالي سان منسوب ڪري ڇڏيو. ان حوالي سان مون نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) ۾ شڪايت داخل ڪرائي. هن چيو ته ڪو ماڻهو ڇا سوچي رهيو آهي، ان کي پنهنجي مرضيءَ جي لفظن ۾ بيان ڪري ڇاپڻ صحافت ناهي. اختلاف راءِ ۽ تنقيد هر ڪنهن جو حق آهي، پر ان لاءِ حقيقتون سامهون رکڻ ضروري آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي جماعت آهي ۽ اسان سڀني کي گڏجي ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻو آهي. مان سمورن ميڊيا مالڪن کي گذارش ڪريان ٿو ته ڪنهن به ورڪر کي زبردستي نوڪريءَ مان برطرف نه ڪيو وڃي. اسان جو نعرو اَن، لٽو ۽ اجهو آهي، اسان ڪيئن ڪنهن کي بيروزگار ٿيندي ڏسي سگهون ٿا؟ صحافي ۽ ميڊيا ورڪر به اسان جي معاشري جو اهم حصو آهن ۽ انهن جي روزگار جو تحفظ ضروري آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ملڪ جو واحد صوبو آهي، جنهن صحافين جي تحفظ لاءِ جرنلسٽس پروٽيڪشن ڪميشن قائم ڪيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت صحافين ۽ ميڊيا ورڪرن سان گڏ بيٺل آهي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين انهن جو ساٿ ڏيندي رهندي.

بقايا *** 19

ڇڏي، جنهن سان پينٽاگون جي تڪراري سربراهه کي عارضي طور رليف ملي ويو آهي. ايندڙ سال ڊيموڪريٽس جي ڪانگريس جو ڪنٽرول سنڀالڻ کان پوءِ ممڪن آهي ته هو ٻيهر مواخذي جي ڪوشش ڪن ضابطن بابت هڪ

تحريڪ تي ووٽنگ هيگسيٿ پاران مواخذي جي ڪوشش کي ڊرامو قرار ڏيڻ ۽ آمريڪي فوج جي سربراهيءَ دوران پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو ڀرپور دفاع ڪرڻ کان ڪجهه ڪلاڪ پوءِ ٿي. سندس ان بيان تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ به ساراهه ڪئي. ايوان ۾ ان مواخذي وارن الزامن کي ريپبلڪن جي اڪثريت واري ايوان جي عدالتي ڪميٽيءَ ڏانهن موڪلڻ جي حق ۾ 211 ۽ مخالفت ۾ 204 ووٽ پيا. مواخذي جي ڪوشش شروع ڪندڙ آمريڪي نمائندي ٿامس ميسي خبردار ڪيو هو ته ائين ڪرڻ سان اها ڪوشش ختم ٿي ويندي. ڪينٽڪي سان تعلق رکندڙ ريپبلڪن ميسي، جيڪو عهدو ڇڏي رهيو آهي، اميد ڪئي هئي ته هيگسيٿ جي پاليسين تي ناراض ۽ ايران خلاف جنگ جي غيرمقبوليت سبب فڪرمند ڪجهه ريپبلڪن ميمبر سندس حمايت ڪندا، پر ڪنهن به ٻئي ريپبلڪن ميمبر سندس ساٿ نه ڏنو. ڊيموڪريٽس مواخذي جي ڪوشش جي ڀرپور حمايت جو اظهار ڪيو هو، پر اڳوڻي اسپيڪر نينسي پيلوسي سميت 11 ڊيموڪريٽس ووٽنگ ۾ حصو نه ورتو. نينسي پيلوسي جو تعلق ڪيليفورنيا سان آهي.

بقايا *** 20

ڪيل هڪ وڏو سنگ ميل آهي. ان ڪاميابيءَ جو جشن وزيراعليٰ هائوس جي بئنڪوئيٽ هال ۾ هڪ خاص تقريب ۾ ملهايو ويو، جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، عالمي ترقياتي پائيوارن جي نمائندن، اعليٰ سرڪاري اختيارين ۽ هائوسنگ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ خاندانن شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات قومي ترانو سان ٿي، جنهن کانپوءِ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه افتتاحي ڪلمات ادا ڪيا. ان کانپوءِ سي اي او (CEO) ايس پي ايڇ ايف خالد محمود شيخ پروگرام جو هڪ جائزو پيش ڪيو جنهن ۾ ان جي اڳڀرائي، پيماني ۽ ڪاميابين کي نمايان ڪيو ويو. تقريب ۾ فائدو حاصل ڪندڙ خاندانن جا تاثرات پڻ شامل هئا جن پنهنجي گهرن کي ٻيهر اڏڻ ۽ پنهنجي زندگين ۾ استحڪام واپس آڻڻ جا تجربا ٻڌايا. يورپي يونين جي هيڊ آف ڪوآپريشن مسٽر جيروم وليمز، ۽ پاڪستان لاءِ ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر مس بولورما امگابازار پڻ تقريب کي خطاب ڪيو ۽ پروگرام جي اهميت ۽ سنڌ جي ٻوڏ کان پوءِ جي بحاليءَ ۾ مدد ڪندڙ پائيواريءَ کي ورجايو تقريب جي پڄاڻي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خطابن سان ٿي. تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير مراد علي شاهه هڪ ملين گهرن جي مڪمل ٿيڻ کي هڪ تاريخي ڪاميابي قرار ڏنو ۽ هن سنگ ميل کي سنڌ جي عوام جي نالي منسوب ڪيو. وڏي وزير چيو ته هي صرف هڪ انگ ناهي. هي انهن هڪ ملين خاندانن جي نمائندگي ڪري ٿو جن کي هاڻي پنهنجي مٿان ڇت، پنهنجي ٻارن لاءِ تحفظ ۽ هڪ بهتر مستقبل جي اميد مليل آهي. هن ياد ڏياريو ته 2022 جي تباهي ڪندڙ ٻوڏ کانپوءِ سنڌ 23 ضلعن ۾ 15 ملين کان وڌيڪ ماڻهن لاءِ 2.1 ملين آبهوا جي لحاظ کان لچڪدار گهرن جي ٻيهر تعمير جو وڏو چئلينج کنيو هو. وڏي وزير چيو ته جڏهن پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صوبائي حڪومت کي ٻوڏ متاثر خاندانن کي گهر فراهم ڪرڻ جو رستو ڳولڻ لاءِ چيو ته حڪومت ان چئلينج کي قبول ڪيو ڇاڪاڻ ته عوام صرف واعدن کان وڌيڪ جو حقدار هو. هن چيو ته اسان هڪ مختلف طريقو اختيار ڪيو ٺيڪيدارن تي ڀروسو ڪرڻ بدران، اسان خاندانن کي ٻيهر تعمير جي مرڪز ۾ رکيو. کين عزت ۽ مالڪي سان پنهنجا گهر پاڻ اڏڻ جو اختيار ڏنو مراد شاهه چيو ته هڪ ملين کان وڌيڪ گهرن جي مڪمل ٿيڻ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته سياسي عزم، ادارتي صلاحيت، شفافيت ۽ برادرين جي فعال شرڪت ذريعي ڇا حاصل ڪري سگهجي ٿو. هن چيو ته هر مڪمل ٿيل گهر کي جيو-ٽيگ ڪيو ويو، ڊجيٽل طور تي مانيٽر ڪيو ويو ۽ تعمير جي هر مرحلي تي آزادانه طور تي تصديق ڪئي وئي، جنهن SPHF کي شفاف، جوابده ۽ عوامي مرڪز واري ترقي جو هڪ نمونو بڻائي ڇڏيو عورتن جي مالڪي: پناهه کان اڳتي هڪ تبديلي پروگرام جي سڀ کان وڌيڪ نمايان سماجي ڪاميابين مان هڪ تي روشني وجهندي وڏي وزير چيو ته عورتن کي هائوسنگ جي هن شروعات جي مرڪز ۾ رکيو ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻهراڙي واري سنڌ جي لکين عورتن کي گهرن جو مالڪ بڻجڻ جو قابل بڻايو ويو آهي. هن چيو ته هڪ عورت جي نالي تي رجسٽرڊ ٿيل گهر صرف هڪ ملڪيت ناهي: هي تحفظ، وقار ۽ معاشي خودمختياري آهي. هن وڌيڪ چيو ته هيءَ شروعات صرف پناهه گاهه فراهم ڪرڻ تائين محدود نه هئي پر عورتن ۽ سندن خاندانن جي سماجي ۽ معاشي حيثيت کي پڻ تبديل ڪري رهي آهي. ترقياتي پائيوارن پاران ٻيهر تعمير جي حمايت وڏي وزير بين الاقوامي ترقياتي پائيوارن، خاص طور تي ورلڊ بئنڪ، ايشين ڊيولپمينٽ بئنڪ، اسلامڪ ڊيولپمينٽ بئنڪ ۽ يورپين انويسٽمينٽ بئنڪ جي حصي کي تسليم ڪيو. هن چيو ته تمام وڏن مالي چئلينجن جي باوجود، ورلڊ بئنڪ 500 ملين ڊالرن جو عزم ڪيو هو جڏهن ته سنڌ حڪومت ريڪنسٽرڪشن جي پروگرام جي مدد لاءِ 179 ملين ڊالرن جو عزم ڪيو هو. مراد شاهه چيو ته صوبائي حڪومت ان يقين سان اڳتي وڌي هئي ته شفافيت، عزم ۽ واضح نتيجا وڌيڪ بين الاقوامي مدد کي راغب ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته پروگرام هاڻي گهرن جي تعمير کان اڳتي وڌي ضروري ڪميونٽي انفراسٽرڪچر مهيا ڪرڻ ڏانهن وڌي رهيو آهي.

بقايا *** 21

ي وزير بختيار سعيدوف سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن ۾ پاڪستان ۽ ازبڪستان جي وچ ۾ ٻطرفي تعاون، علائقائي ترجيحن ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب ٻنهي پرڏيهي وزيرن شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) ۽ اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) جي فورمز سميت مختلف شعبن ۾ پاڪستان ۽ ازبڪستان جي وچ ۾ تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ گڏيل علائقائي ترجيحن جي فروغ جي لاءِ ويجهي رابطي جي اهميت تي زور ڏنو ٻنهي اڳواڻن ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ گڏيل اهميت جي معاملن تي مسلسل رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا *** 22

قانونن تي عملدرآمد بابت ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي. نائب وزيراعظم آفيس پاران جاري بيان موجب اجلاس ۾ عالمي ليبر قانونن بشمول محنت جي عالمي اداري (آءِ ايل او) بابت ڪنوينشنز ۽ واعدن تي عملدرآمد جي موجوده صورتحال جو جائزو ورتو ويو. شرڪت ڪندڙن ملڪي طريقيڪار کي عالمي معيارن سان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ ضروري ضابطاجاتي فريم ورڪ ۽ قانونن جي لاڳوجي طريقيڪار جو پڻ جائزو ورتو نائب وزيراعظم پاڪستان جي عالمي اقتصادي رابطن کي مضبوط بڻائڻ، روانگي واپار ۾ مقابلي جي صلاحيت وڌائڻ ۽ عالمي واپار ۾ پاڪستان جي پوزيشن بهتر بڻائڻ جي لاءِ عالمي ليبر معيارن تي عملدرآمد جي اهميت تي زور ڏنو هن سمورن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته صوبائي حڪومتن سان ويجهو رابطو ۽ هم آهنگي برقرار رکي وڃي ۽ سمورن قومي واعدن ۽ ذميوارين جي تڪميل جي لاءِ طئي ٿيل مدي جي پابندي ڪئي وڃي. اجلاس ۾ وزيراعظم جي صنعت ۽ پيداوار واري صلاحڪار، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، واپار، سمنڊ پار پاڪستانين ۽ انساني حقن واري وزارتن جي سيڪريٽرين کانسواءِ لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 23

ه جي شهر انطاليه ۾ منعقد ڪوپ – 31 ۾ پاڪستان جي نمائندگي جي لاءِ شرڪت دوران عالمي اڳواڻن سان غيررسمي ملاقاتون ڪيون. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم جون سعودي عرب جي توانائي واري وزير شهزاده عبدالعزيز بن سلمان آل سعود، بنگلاديش جي وزيراعظم طارق رحمان ۽ اسلامي تعاون تنظيم جي سيڪريٽري جنرل اسماعيل اولد شيخ احمد سان ملاقاتون ٿيون. وزيراعظم محمد شهباز شريف جي فلسطين جي وزيراعظم محمد مصطفيٰ سان پڻ ملاقات ٿي، ان موقعي تي وزيراعظم محمد شهباز شريف فلسطيني عوام سان حڪومت ۽ پاڪستان جي عوام پاران ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪيو. فلسطيني وزيراعظم فلسطيني عوام تي ڪيل ظلمن جي خلاف عالمي سطح تي موثر انداز ۾ آواز اٿارڻ ۽ فلسطيني موقف جي تائيد تي حڪومت ۽ پاڪستان جي عوام جا ٿورا ادا ڪيا. وزيراعظم محمد شهباز شريف جون ترڪيه جي خاتون اول امينه ايردوان، شام جي صدر احمد الشرع، سعودي عرب جي پرڏيهي معاملن واري مملڪتي وزير عادل بن احمد الجبير ۽ ورلڊ بئنڪ جي صدر اجي بنگا سان پڻ ملاقاتون ٿيون. خوشگوار ماحول ۾ ٿيندڙ انهن ملاقاتن ۾ وزيراعظم ۽ عالمي اڳواڻن جي وچ ۾ ٻطرفي لاڳاپن جي مضبوطي ۽ خطي جي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ٿي. ملاقاتن ۾ موسمياتي تبديلي جي خراب اثرن کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ملڪن جي مشڪلاتن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ جي اهميت جي حوالي سان پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي.

بقايا *** 24

چيو آهي ته چشما – 5 نيوڪليئر پاور پلانٽ جي ڊوم پليسمنٽ جي ڪامياب تقريب پاڪستان جي توانائي جي شعبي ۾ پائيداري ۽ صاف توانائي جي پيداواري صلاحيت ۾ اضافي طرف اهم سنگ ميل آهي. اربع ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته چشما – 5 نيوڪليئر پاور پلانٽ جي ڊوم پليسمنٽ پاڪستان جي ترقي ۽ توانائي جي تحفظ جي سفر ۾ هڪ اهم اڳڀرائي آهي. هن چيو ته اها اڳڀرائي ملڪ جي توانائي جي مستقبل کي مضبوط بڻائڻ ۽ هڪ مضبوط، خودمختيار ۽ خوشحال پاڪستان طرف هڪ ٻيو قدم آهي.

بقايا *** 25

ي. ملاقات دوران گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن ۽ پاڪستان ريلوي ۾ بهتريءَ بابت مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ريلوي وزارت مان جاري بيان موجب ان موقعي تي سنڌ جي گورنر پاڪستان ريلوي ۾ جاري سڌارن ۽ انتظامي ۽ عملي بهتريءَ جي قدمن جي آجيان ڪئي. سنڌ جي گورنر ريلوي جي نظام ۾ جديديت، آپريشنل بهتري ۽ اداره جاتي سڌارن لاءِ ريلوي واري وفاقي وزير جي ڪوشش کي ساراهيندي ترقياتي قدمن تي مڪمل اطمينان جو اظهار ڪيو. ملاقات ۾ گورنر ۽ وفاقي وزير قومي ادارن جي ترقي، استحڪام ۽ بهتريءَ لاءِ گڏيل سهڪار کي هٿي ڏيڻ جي اهميت تي اتفاق ڪيو.

بقايا *** 26

لاقات ٿي، جنهن ۾ سنڌ نيوز پيپر سوسائٽي جي صدر قاضي شفيق احمد، ڊائريڪٽر اشتهارات عزيز هڪڙو ۽ سينيئر صحافي صفدر سهتو شرڪت ڪئي. ملاقات دوران سنڌ جي مختلف پريس ڪلبن جي بجيٽ، صحافتي ادارن کي درپيش مسئلن، صحافين جي ڀلائي ۽ صحافتي سرگرمين کي وڌيڪ بهتر ۽ فعال بڻائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي پريس ڪلبن جي مالي صورتحال ۽ بجيٽ جي فراهمي بابت معاملن تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پريس ڪلبون صحافين لاءِ اهم پليٽ فارم آهن، جتي صحافي برادري گڏجي پنهنجي پيشورانه ذميوارين سان گڏ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ملاقات دوران ان ڳالهه تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ته پريس ڪلبن کي گهربل سهولتون ۽ مالي وسيلا فراهم ڪرڻ سان صحافتي سرگرمين کي هٿي ملي سگهي ٿي، جڏهن ته صحافين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل کاتن سان بهتر رابطن ۽ سهڪار کي پڻ هٿي ڏيڻ جي ضرورت آهي. ملاقات کي صحافتي برادري ۽ اطلاعات کاتي وچ ۾ رابطن کي مضبوط بڻائڻ جي حوالي سان اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو. اميد ظاهر ڪئي وئي ته اهڙين ملاقاتن سان صحافين جي مسئلن جي حل ۽ پريس ڪلبن جي بهتري لاءِ مثبت نتيجا سامهون ايندا.

بقايا *** 27

يل موڪلي ڇڏيو. جڏهن ته گهوٽ شرجيل عبوري ضمانت حاصل ڪري ورتي پوليس موجب جوابدارن تي الزام آهي ته هنن شادي جي تقريب دوران انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ گولي گهر جي ڇت تي بيٺل 10 سالا اذان جي سيني ۾ لڳي گولي لڳڻ سان سخت زخمي ٿيل ٻار اسپتال پهچڻ کان اڳ ئي دم ٽوڙي ويو هو واقعي جو ڪيس مقتول ٻار جي پيءُ عارف جي فرياد تي زمان ٽائون ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو هو.

بقايا *** 28

جي فراهمي جو افتتاح ڪندو ان سلسلي ۾ سنڌ جي زراعت واري وزير سردار محمد بخش خان مهر جي صدارت هيٺ سنڌ ويٽ گرووَرز سپورٽ پروگرام تحت آبادگارن جي رجسٽريشن ۽ سبسڊي جي فراهمي واري افتتاحي تقريب جي تيارين جي حوالي سان اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ زراعت کاتي جي سيڪريٽري محمد زمان ناريجو آبادگارن جي رجسٽريشن ۽ تقريب جي تيارين بابت بريفنگ ڏني. سنڌ جي زراعت واري وزير سردار محمد بخش خان مهر چيو ته پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري 20 نومبر تي وزيراعليٰ هائوس ۾ پروگرام تحت آبادگارن کي سبسڊي جي فراهمي جو باقاعده افتتاح ڪندو تقريب ۾ سنڌ جو وڏو وزير، صوبائي وزير، سنڌ اسيمبلي جا ميمبر ۽ پارٽي اڳواڻ پڻ شرڪت ڪندا. هن چيو ته هلندڙ ربيع سيزن ۾ بينظير هاري ڪارڊ ذريعي ساڍا پنج لک آبادگار فائدو حاصل ڪندا، جڏهن ته سنڌ ويٽ گرووَرز سپورٽ پروگرام تحت آبادگارن لاءِ 17 ارب رپين جي سبسڊي مختص ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 29

جنس جاڻ ملي هئي ته ايران طرفان موجود ۽ اڳوڻن آمريڪي عملدارن کي نشانو بڻائڻ جون رٿائون وڌيڪ منظم ۽ خطرناڪ ٿي رهيون آهن آمريڪي خزاني واري وزارت جي ترجمان اسڪاٽ بيسينٽ جي فوجي اڏي تي منتقلي جي تصديق ڪندي چيو آهي ته هو ڌمڪين کان خوفزده ٿي پنهنجون ذميواريون نه ڇڏيندو رپورٽ ۾ ڄاڻايل مبينا منصوبن جا وڌيڪ تفصيل سامهون نه آيا آهن، جڏهن ته انٽيليجنس جاڻ جي آزادانه طور تصديق پڻ نه ٿي سگهي آهي.

بقايا *** 30

ا موقعا، مائيڪرو فنانسنگ، آءِ ٽي شعبي ۾ ترقي ۽ سنڌ توڙي بلوچستان وچ ۾ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي سيد ناصر حسين شاهه بلوچستان حڪومت پاران نوجوانن کي جديد تربيت ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل قدمن کي ساراهيندي چيو ته نوجوانن کي هنر مند بڻائڻ ۽ معاشي طور خودمختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته وڏي وزير بلوچستان مير سرفراز بگٽي پاران شروع ڪيل اهو پروگرام نوجوانن جي روشن مستقبل ڏانهن اهم قدم آهي، ڇاڪاڻ ته موجوده دور ۾ رڳو ڊگري حاصل ڪرڻ ڪافي ناهي، پر مارڪيٽ جي ضرورتن موجب عملي مهارت ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ پڻ ضروري آهي. هن چيو ته تربيت مڪمل ڪرڻ کانپوءِ نوجوان قومي ۽ عالمي معيار جا هنر مند فرد بڻجي سامهون ايندا، جيڪي نه رڳو پنهنجي لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪندا پر ملڪ جي معاشي ترقي ۾ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. صوبائي وزير چيو ته سنڌ حڪومت نوجوانن کي معاشي طور پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ مائيڪرو فنانسنگ سميت مختلف قدم کڻي رهي آهي، مائيڪرو فنانسنگ ذريعي سنڌ ۾ 12 لک کان وڌيڪ عورتون پنهنجا گهر هلائي رهيون آهن، جيڪو عورتن جي معاشي خودمختياري ۽ بااختياري جو اهم مثال آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڪاروبار، روزگار ۽ جديد شعبن ۾ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. سيد ناصر حسين شاهه وفد کي سنڌ جي اهم آءِ ٽي ادارن ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبي سان لاڳاپيل ادارن جا مطالعاتي دورا ڪرائڻ جي پڻ آڇ ڪئي ۽ چيو ته بلوچستان جي نوجوانن کي سنڌ جي جديد آءِ ٽي ادارن، تربيتي مرڪزن ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ جاري سرگرمين کان آگاهه ڪيو ويندو، جيئن اهي جديد دور جي گهرجن ۽ روزگار جي نون موقعن بابت عملي ڄاڻ حاصل ڪري سگهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت بلوچستان جي نوجوانن سان هر ممڪن سهڪار لاءِ تيار آهي ۽ کين سنڌ ۾ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ سميت مختلف شعبن ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. وفد سان ڳالهائيندي هن چيو ته بلوچستان جيان سنڌ به اوهان جو پنهنجو صوبو آهي، سنڌ جا دروازا اوهان لاءِ کليل آهن ۽ سنڌ حڪومت نوجوانن جي تعليم، تربيت، ترقي ۽ روزگار جي حوالي سان هر ممڪن سهڪار فراهم ڪندي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن آهي ته نوجوانن کي عالمي معيار جون جديد سهولتون، ٽيڪنالاجي ۽ پيشورانه تربيت فراهم ڪئي وڃي، جيئن پاڪستان جا نوجوان عالمي سطح تي مقابلي جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ ۽ بلوچستان وچ ۾ نوجوانن جي فني تربيت، آءِ ٽي، ڪاروباري سرگرمين ۽ روزگار جي شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ فروغ ڏنو ويندو هن چيو ته نوجوانن کي مارڪيٽ جي گهرجن مطابق هنر سيکاري کين صرف نوڪرين جا خواهشمند بڻائڻ بدران روزگار جا موقعا پيدا ڪندڙ بڻائڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته هنر مند نوجوان ئي ملڪ جي مضبوط معيشت، خوشحال معاشري ۽ ترقي يافته پاڪستان جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

بقايا *** 31

حڪمن جي پيڇڪڙ جي الزامن هيٺ 66 فوجين کي موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب، اتر ڪيئو صوبي جي علائقي والي ڪالي ۾ 71 فوجين خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران 66 ڄڻن کي موت جي سزا، هڪ فوجي کي 10 سال قيد ۽ ڇهن ڄڻن کي بري ڪيو ويو فوجين تي الزام هو ته باغي گروپن سان ويڙهه دوران هنن پنهنجا مورچا ڇڏي جنگ جي ميدان مان فرار ٿي ويا هئا. فوجي اختيارين جو چوڻ آهي ته ان ڪارروائي جو مقصد فوج ۾ نظم ۽ ضبط کي بهتر بڻائڻ آهي.

بقايا *** 32

يجنس ۽ فني تبديلي جي ان لهر ۾ پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي بقا، ثقافتي سڃاڻپ ۽ قومي سلامتي جو تحفظ خود مختيار ٽيڪنالاجي کان سواءِ ممڪن ناهي، حڪومت ايندڙ 5 سالن ۾ 10 هزار اي آءِ ايڇ ڊيز تيار ڪرڻ، 10 لک نوجوانن کي جديد ٽيڪنالاجي سيکارڻ ۽ هڪ ارب ڊالرن جي فنڊ سان ملڪي تاريخ جو پهريون خودمختيار اي آءِ انفراسٽرڪچر بڻائڻ جو هدف مقرر ڪيو آهي. اربع تي اسلام آباد ۾ اپري جي انتظام هيٺ منعقد مارگلا ڊائلاگ کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ڊجيٽل نيشن پاڪستان ايڪٽ ۽ پاڪستان ڊجيٽل اٿارٽي جي قيام جو بنيادي مقصد سڄي ملڪ جي معاشي شعبن کي پيپر ليس بڻائڻ، 20 لک کان وڌيڪ شهرين کي محفوظ ڊجيٽل سڃاڻپ فراهم ڪرڻ ۽ مالياتي نظام کي رستي سان گڏ انٽيگريٽ ڪرڻ آهي. هن واضح ڪيو ته پاڪستان عالمي فورمز تي گلوبل سائوٿ لاءِ اوپن سورس اي آءِ ۽ هڪ جهڙن فني حقن جي جنگ وڙهندو رهندو ته جيئن ڊجيٽل ورهاست ۽ اڻ برابري کي روڪي سگهجي. هن چيو ته دنيا ۾ اهو تاثر غلط آهي ته اي آءِ انسانن جون نوڪريون ختم ڪندي پر حقيقت اها آهي ته جيڪو ماڻهو اي آءِ جو استعمال ڄاڻندو هوندو اهو عام ماڻهو کان 100 ڀيرا وڌيڪ موثر ۽ پيداواري صلاحيت رکندڙ هوندو اي آءِ انهن ماڻهن جون نوڪريون ختم ڪندو جيڪي وقت سان گڏ جديد مهارتون نه سکن. هن مثال ڏيندي چيو ته ماضي ۾ هڪ جهاز اڏائڻ لاءِ هڪ پائليٽ جي ضرورت هوندي هئي، جڏهن ته اڄ ڪمپيوٽر جي پويان ويهي ڊرون يا غير انسان بردار گاڏي (يو اي وي) کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ 5 ماڻهن جي ضرورت هوندي آهي.

بقايا *** 33

والد جي لاڏاڻي تي ڊويزنل ڪمشنر شهيد بينظيرآباد غلام قادر خان ٽالپر، ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو سيد عمار حسين، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر صدام حسين ميمڻ، اڳوڻي صدر چيمبر آف ڪامرس محمد عظيم مغل، چيئرمين ضلعي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي چوڌري ظفر آرائين، ڊپٽي ڪمشنر جي پي ايس زبير احمد ملاح، ڪمشنر جي پي اي ذوالفقار راجپوت، ملڪ نعمان، پريس ڪلب نوابشاهه جي جنرل سيڪريٽري ارشد علي شيخ، سينيئر صحافين رضوان ٽيبو، عبدالخالق، سعيد تنور، نفيس آرائين ۽ ٻين ڊويزنل ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن پهچي تعزيت ڪئي. ان موقعي تي سڀني تعزيت ڪندڙن محمد موسيٰ گوندل سان دلي همدردي ۽ ڏک جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت، بلند درجات ۽ پوئينرن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي. ان موقعي تي انفارميشن آفيسر اعجاز علي تنيو ۽ شير محمد جمالي پڻ موجود هئا.

بقايا *** 34

. موسميات کاتي موجب، اولهندي هوائن جو هڪ سسٽم ملڪ جي اولهندي ۽ مٿانهن علائقن کي متاثر ڪري رهيو آهي، جنهن سبب ڪراچي، ٺٽي، قمبر شهدادڪوٽ، ڄامشوري ۽ نوشهروفيروز جي ڪجهه علائقن ۾ هلڪي برسات جو امڪان آهي موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ ۽ ٿڌي رهندي، جڏهن ته ميداني علائقن ۾ صبح جي وقت هلڪي ڪوهيڙي جو امڪان آهي موسميات موجب، ڪراچي ۾ خميس ڏينهن به هلڪي ڪوهيڙي جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ايندڙ ٽن ڏينهن دوران شهر جو وڌ ۾ وڌ گرمي پد 34 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 35

عملي جدوجهد ۽ عوامي مسئلن جي ترت حل جي ضرورت آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي قيادت ڪراچيءَ جي اڏاوت ۽ ترقيءَ لاءِ پنهنجو آرام حرام ڪري ڇڏيو آهي. شهرجا بنيادي مسئلاحل ڪرڻ ۽ رهواسين کي بهتر سهولتو13 جو صدر عمران بروهي، وارڊ 4 جو صدر ڪاشف بروهي، شاهزيب خان، سردار، فرقان بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئاميئر ڪراچيءَ جي ترجمان ڪرم الله وقاصي لاڳاپيل عملدارن سان گڏ جاري ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ هدايت ڪئي ته پاڻيءَ جي نئين لائين تبديل ڪرڻ وارو ڪم مقرر معيار موجب جلد مڪمل ڪيو وڃي، جيئن رهواسين کي پاڻيءَ جي فراهميءَ ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين جو خاتمو ٿي سگهي هن ٻڌايو ته زمزمه ڪلفٽن کان گزري تائين 10 انچ قطر جي نئين پاڻيءَ جي لائين جي تبديليءَ سان نيوي گيٽ، مروت اسپتال، عيدگاهه، مڇي پاڙو، عباس مسجد ۽ ٽانڪي محلي سميت گزريءَ جي ڪيترن ئي علائقن جا رهواسي فائدو حاصل ڪندا ۽ پاڻيءَ جي فراهميءَ ۾ بهتري ايندي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پيپلزپارٽيءَ جي پارلياماني اڳواڻ ڪرم الله وقاصي چيو ته پيپلزپارٽيءَ جي قيادت ڪراچيءَ کي ترقيءَ جي راهه تي آڻڻ لاءِ مسلسل سرگرم آهي. پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي ويزن موجب سنڌ حڪومت ۽ ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شهرجي بهتريءَ لاءِ پنهنجا وسيلا ۽ صلاحيتون ڪتب آڻي رهيا

بقايا عوامي سوچ 01

ٽ پريزائيڊنگ آفيسرن لاءِ تربيتي سيشن منعقد ڪيو ويو، جنهن جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر متياري ڊاڪٽر محمد دانش ذاڪر ڪئي. ڊپٽي ڪمشنر شرڪت ڪندڙن کي پليڪار ڪندي زور ڀريو ته پولنگ عملو تربيت مڪمل ڌيان ۽ دلچسپيءَ سان حاصل ڪري ۽ چونڊن بابت پنهنجون ذميواريون اليڪشن قانونن ۽ مقرر ڪيل ضابطن موجب ايمانداري، غيرجانبداري ۽ ذميواريءَ سان ادا ڪري، جيئن صاف، شفاف ۽ پرامن چونڊن کي يقيني بڻائي سگهجي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر متياري ڪنور شجاع، پري پول، پولنگ ڏي ۽ پوسٽ پول سرگرمين بابت تفصيلي تربيت فراهم ڪئي. شرڪت ڪندڙن کي چونڊن جا نتيجا مرتب ڪرڻ، لاڳاپيل فارم ڀرڻ ۽ نتيجا مقرر وقت اندر ريٽرننگ آفيسر جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻ بابت پڻ آگاهي ڏني وئي، جڏهن ته عملي مشق پڻ ڪرائي وئي. ريٽرننگ آفيسر يو سي-29 عبدالواهاب پولنگ عملي کي هدايت ڪئي ته تربيتي سيشن کي سنجيدگيءَ سان وٺندي چونڊن واري ڏينهن سموريون ذميواريون اليڪشن ڪميشن جي مقرر ڪيل ضابطن موجب ادا ڪيون وڃن ۽ نتيجا مقرر وقت اندر جمع ڪرايا وڃن. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر نور احمد کهرو، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر-I ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 02

صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي جنرل سيڪريٽري نثار احمد گندرو ڪجهه شرپسند ماڻهن پاران مبينا طور تي ذاتي دشمني جي بنياد تي حقيقتن جي ابتڙ پنهنجي آئي ڊي تي پوسٽون رکڻ ۽ سوشل ميڊيا تي سندس خلاف گمراهه ڪندڙ پوسٽون ڪرڻ تي سخت احتجاج ڪري سيشن جج ٺٽو ايس ايس پي ٺٽو کان معاملي جو نوٽيس وٺڻ ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. پريس ڪانفرنس ڪندي نثار احمد گندرو چيو ته 9 نومبر تي سندس ڀاءُ شبير عرف شبو گندرو ۽ عزيز شيخ وچ ۾ ذاتي معاملي تي تلخ ڪلامي ٿيتي هئي، جنهن کي بعد ۾ هڪ افسوسناڪ واقعي جو رخ ڏنو ويو. جڏهن ته عزيز شيخ کي رات جي نشي جي ڪري بيهوش ٿيڻ ڪري سِول اسپتال ٺٽو ڪٽي ويا اتان وري جناح اسپتال ڪراچي ڪٽي ويا جتي فوت ٿي ويو جناح اسپتال جي رپورٽ مطابق هن کي دل جو دورو پيو جنهن سبب فوت ٿي ويو وڌيڪ پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ سپ اچي ويندو جيڪو سِول اسپتال ٺٽو ۾ ٿيو آهي هن پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته ان ڳالهه جي شيخن کي خبر هئي ليڪن ڪجهه شرپسند ماڻهن ان ڳالهه کي غلط رنگ ڏئي منهنجي ڀائي جي مٿان خون جو ڪيس داخل ڪرايو روڊ بلاڪ ڪيا ،هن واضح ڪيو ته هو پاڻ واقعي واري هنڌ موجود نه هو ۽ نه ئي ان ۾ سندس ڪو ڪردار هو. تنهن هوندي به ڪيس بنا ڪنهن ثبوت جي واقعي سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هن الزام هنيو ته ڪجهه ماڻهو ذاتي رنجشن سبب پوليس ۽ لاڳاپيل ڌرين جو موقف وٺڻ ۽ حقيقتن جي تصديق ڪرڻ کان سواءِ هڪ طرفي پوسٽون هلايون. جنهن سان سندس ذاتي عزت، سماجي ساک ۽ جان جي سلامتي بابت خدشا پيدا ٿيا آهن. نثار احمد گندرو چيو ته فوتي جي موت بابت طبي دستاويزن، پوليس رڪارڊ ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ جي روشني ۾ شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي، جڏهن ته ڪنهن به شخص کي بنا ثبوت ڏوهاري طور پيش ڪرڻ اصولن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي. معاملي جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي ، هن وڌيڪ چيو ته اهڙي هڪ طرفي ۽ غيرذميوارائي سان ٻن برادرين وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ ۽ امن امان جي صورتحال خراب ٿيڻ جو خدشو آهي. هن اعليٰ اختيارين ۽ صحافتي ادارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺي انصاف ۽ صحافتي غيرجانبداري کي يقيني بڻايو وڃي. آخر ۾ نثار گندري پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته منهنجو فيصلو ٺٽي جو عوام ڪندو انهن شرپسندن خلاف به فيصلو ڪندو قانوني طرح سيشن جج ٺٽو ايس ايس پي ٺٽو نوٽيس وٺڻ.

بقايا عوامي سوچ 03

ن توڙي سندس زال کي زبردستي اغوا ڪري پاڻ وٽ قيد ڪري رکڻ خلاف توڙي سندن معصوم نياڻي پاران ماءُ کي ياد ڪري بيمار ٿيڻ خلاف داٺهينيندي الزام هڻندي ڪارو خاصخيلي چيو ته 4 مهينا اڳ ڪوٽڙي لڳ ڳوٺ جانو خاصخيلي جي رهواسي خاصخيلي برادري جي ڪيترن ئي هٿيارٻند ماڻهن رات جي وقت سندس گهر تي جانو خاصخيلي جي ٻچ تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي هٿيارن جي زور تي سندس نوجوان شادي شد زال مسمات صائمه خاصخيلي کي زبردستي اغوا ڪري کڻي وڃڻ بعد سندس 18 مهينن جي معصوم نياڻي بانو خاصخيلي کي ڇڏي ويا آهن، جيڪا ماءُ کي ياد ڪري سخت بيمار ٿي پئي اهي، ڪارو خاصخيلي چيو ته هن پنهنجي زال کي اغوا ڪرڻ جي FIR جهمپير ٿاڻي تي اجمل خاصخيلي، الهڏنو، اختر شريف، ڪمال خاصخيلي خلاف جانو خاصخيلي جي ٻچ تي سندس زال کي مبينا اغوا ڪري قيد بند ۾ رکڻ جو ڪيس داخل ڪرايو اهي، پر اجان تائين جهمپير پوليس نه سندس گهر واري کي بازياب ڪرائي سگهي آهي ۽ نه ئي سندس زال کي اغوا ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري جيڪي کلي عام گهمي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون پيا ڏين، جن مان ڪين نقصان جو خطرو اهي، ڪارو خاصخيلي انڪشاف ڪندي چيو ته ڪيس هاڻي خبر پئي اهي ته سندس زال جو نڪاح مٿان نڪاح اجمل خاصخيلي سان زبردستي ڪرائي سندس زال کي قيد ڪيو ويو آهي، جنهن جي جان کي پڻ زطرو آهي، هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٺٽو، ايس ايڇ او جهمپير کان مطالبو ڪيو ته فورن ڪاروائي ڪري اغوا ٿي ويل سندس زال صائمه کي بازياب ڪرائي ڪيس سندن معصوم نياڻي سان ملائي سندس زال سندس حوالي ڪري ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري کين سخت سزائون ڏياري کين تحفظ مهي ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 04

صحافين ۾ حافظ سعدالله ميمڻ , اسماعيل سرويچ، نديم ڪٽي , پ الف اڳواڻ عمر ميمڻ , شاعر اياز امر شيخ , امين سرواڻ جسقم اڳواڻ محمد پناڻ ۽ ٻين چيو ته صحافين کي حق ۽ سچ لکڻ تان هراسان ڪرڻ صحافت تي حملو آهي. ڪوٽڙي ۾ باريجا صحافي پائرن خلاف مبينا انتقامي ڪارروايون ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون. هنن مطالبو ڪيو ته برفت نوجوان قتل جا حقيقي جوابدار گرفتار ڪيا وڃن، باريجا صحافي پائرن خلاف انتقامي ڪارروايون بند ڪري کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ واقعي جي عدالتي جانچ ڪرائي وڃي. هنن چيو ته صحافي برادري پنهنجي ساٿين سان گڏ بيٺل آهي بک هڙتال جي ڪئمپ تي صحافين ۾ بابو ڪندرا , امتياز ميمڻ , فهيم پان، گلشير مير , ملڪ صديق ملاح , خالد طاهراڻي سليم ملاح , ۽ ٻين صحافين شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 05

يت مان حصو ڏنو ويو هو، پر هاڻي سندس ويڳا پٽ اسان جي حصي واري ملڪيت تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ مسلسل ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن احتجاج ڪندڙ عورت چيو ته ويڳن پٽن ڪيترائي ڀيرا سندس پٽ تي پڻ تشدد ڪيو آهي، جنهن سبب هو سخت خوف ۽ عدم تحفظ جو شڪار آهن. هن وڌيڪ الزام هنيو ته معاملي بابت پوليس کي شڪايت ڏيڻ باوجود ٻگهاڙ موري چوڪي جو انچارج فرمان پتو مبينا طور مخالف ڌر جي حمايت ڪري رهيو آهي ۽ سندن چوڻ تي بار بار پوليس موڪلي کين حراسان ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته معاملي بابت ايس ايس پي ٺٽو آفيس ۾ پڻ درخواست جمع ڪرائي آهي، پر اجا تائين کين انصاف نه ملي سگهيو آهي. بيواهه عورت ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ملڪيت جي تحفظ، پوليس جي مبينا زيادتين جي جاچ ۽ کين تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 06

ردن ۾ ڪتاب، ڪاپيون ۽ معذورن ۾ ويل چيئر تقسيم ڪيا ويا، جڏهن ته غريب مستحقن ۾ راشن پڻ تقسيم ڪيو ويو. تفصيل موجب ڳاڙهو اداسي، ٻاٻيهو ۽ ٻين مقامي اسڪولن جي غريب شاگردن ۾ پڙهائي جو شوق ۽ رجحان وڌائڻ لاءِ اسٽيشنري ۽ ڪتاب ورهايا ويا. جڏهن ته امجد ڪريمي ۽ احمد ڪريمي دانذاري پهچي مستحق ڳوٺاڻن ۾ راشن پڻ تقسيم ڪيو ويو ان ڪان علاوه ڳوٺ عمر پاتٽي ۽ آسپاس جي علائقن ۾ معذور ماڻهن کي سهارو ڏيڻ لاءِ ويل چيئرون پڻ ڏنيون ويون، ته جيئن اهي پنهنجي روزمره جي معاملن ۾ آساني حاصل ڪري سگهن. ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجه برادران جو چوڻ هو ته سندن مکيه مقصد سنڌ جي پٺتي پيل علائقن جي ٻارن ۾ تعليم جو ڏيئو ٻارڻ ۽ پڙهائي جي شرح ۾ اضافو آڻڻ آهي، جنهن لاءِ هو مسلسل ڪوشش ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته هو 2022 ع کان وٺي پنهنجي مدد پاڻ تحت سنڌ جي مختلف ضلعن جهڙوڪ ٺٽو، بدين، سجاول، دادو، ميهڙ، حيدرآباد، سکر ۽ روهڙي ۾ تعليمي واڌاري سان گڏوگڏ بيواهن، مسڪينن ۾ راشن، ڪپڙا ۽ معذورن ۾ ويل چيئرون ورهائڻ جو مقدس فريضو سر انجام ڏيندا پيا اچن. ان موقعي تي سماجي اڳواڻ نور احمد جت، پريس ڪلب ڳاڙهو جو جنرل سيڪريٽري منظور احمد عارفاڻي، سينئر صحافي خليفو قادر عثمان، پير شاهزيب جيلاني ۽ ٻيا معزز پڻ موجود هئا، جن سندن انسان دوستي ۽ سماجي خدمتن کي زبردست لفظن ۾ ساراهيندي سندن خلوص دل سان شڪريو ادا ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 07

ڪيسن، سنڌن گهرن تي پوليس چاپن ۽ جامشورو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي. ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽي جي صَدر علي اڪبر دلواڻي جي اڳواڻي ۾ صبح 10 وڳي کان منجهند 3 وڳي تائين بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ صحافين ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري احتجاج ڪندڙن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو بک هڙتال ۾ علي اڪبر دلواڻي، نواب شفيق عابداڻي، ارشاد علي گندرو، محمد موسيٰ سبزپوش، لالا شعيب پناڻ، سيد شيرعلي شاهه، واحد شورو، جنيد احمد پيرزادو، قربان مگسي، ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر ولي جوکيو، بيروزگار اتحاد جي اڳواڻ ملڪ نواز جوکيو، ميڊم مريم ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن علي اڪبر دلواڻي، ملڪ نواز جوکيو، ڊاڪٽر ولي جوکيو ۽ انساني حقن جي اڳواڻ سيد شيرعلي شاهه خطاب ڪندي مطالبو ڪيو ته نوجوان دلشير برفت جي قتل، جامشوري جي عدالت اندر صحافي عظيم باريجو تي حملي، صحافين جي گهرن تي پوليس چاپن ۽ عورتن جي مبينا تذليل وارن واقعن جي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته حقيقتون سامهون آڻڻ ۽ انصاف جي فراهمي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جي سربراهي ۾ عدالتي جاچ ڪميشن قائم ڪئي وڃي، صحافي باريجو پائرن خلاف داخل ڪيسن ۽ مبينا انتقامي ڪارروائين جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ دلشير برفت جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 08

ٿيڪات ڪري ڇڏيو وڪيلن احتجاج ڪندي سيشن ڪورٽ ٺٽو جي مين گيٽ کي بند ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ۽ سخت نعريبازي ڪئي. احتجاج سبب سيشن ڪورٽ ٺٽو سميت ماتحت عدالتن ۾ عدالتي ڪارروايون مڪمل طور بند رهيون. احتجاج ۾ ڪراچي بار ايسوسيئشن جو صدر عامر نواز وڙائچ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئشن جو صدر حسيب جمالي به خاص طور تي پهچي وڪيلن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو هن موقعي تي ضلعي ٺٽي جي پوليس عملدارن جي به عدالت ۾ داخلا تي پابندي لڳائي وئي. ڪراچي بار جي صدر عامر نواز وڙائچ چيو ته وڪيلن سان يڪجهتي طور هتي پهتا آهيون. پوليس اهلڪار جي بدتميزي جي موٽ ۾ پيدا ٿيل صورتحال جو نوٽيس وٺڻ بدران هڪ جج پاران ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن ٺٽو جي جنرل سيڪريٽري هوش محمد عباسي سميت 7 وڪيلن کي نوٽيس جاري ڪرڻ ناانصافي آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي صدر حسيب جمالي چيو ته وڪيل ننڊٽڪا ناهن. اسان هميشه بار ۽ بئنچ جي پاڻ ۾ ڪوآرڊينيشن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي. ٻئي طرف ٺٽو بار جو صدر اعزاز شاهه ۽ جنرل سيڪريٽري هوش محمد عباسي چيو ته هڪ طرف ضلعي جي پوليس انتظاميه پوليس گردي تي لٿل آهي ته ٻئي طرف اسان کي نوٽيس جاري ڪري هراسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، نوٽيسز واپس وٺڻ ۽ ذميوار اهلڪارن خلاف ڪارروائي ٿيڻ تائين احتجاج جاري رهندو. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ سيشن ڪورٽ ٺٽو ۾ ڪنزيومر ڪورٽ جي عدالت ۾ مڪلي ٿاڻي جي هڪ اي ايس آءِ ۽ بار جي جنرل سيڪريٽري هوش محمد عباسي وچ ۾ تلخ ڪلامي بعد هٿاپائي ٿي هئي، جنهن تان هي تڪرار پيدا ٿيو

بقايا عوامي سوچ 09

مپ قائم ڪري ويٺل ملڪ نواز جوکيو، ڪامريڊ مريم ملاح، ڪميونسٽ پارٽي جو ڊاڪٽر ولي ۽ ٻين ايوان صحافت پريس ڪلب پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان پرامن آهيون ۽ پرامن رهنداسين. اسان جو احتجاج مڪمل طور پرامن ۽ قانوني آهي. هنن چيو ته اسان صرف پنهنجو جائز حق، روزگار ۽ بيروزگار نوجوانن لاءِ انصاف گهرون ٿا. ضلعي ٺٽي ۾ سوين ڪمپنيون قائم آهن، پر افسوس جو انهن ۾ مقامي بيروزگار نوجوانن کي نظرانداز ڪري ڌارين ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويو آهي. هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مقامي نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪري سندن حق ڏنا وڃن، ٻي صورت ۾ مطالبا منظور ٿيڻ تائين مرڻ گهڙي تائين پرامن احتجاج جاري رکيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 10

منشيات ايڪٽ تحت ڪارروائي ڪندي ٻن چِٽن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي. پوليس موجب، پاٽيءَ جي ڪولر ۾ سفينا ڪٽي ايندڙ محراب راهمون، رهواسي ڳوٺ جلال جو تڙ کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪاري ٽيلهي ۾ منشيات کٽي ايندڙ شريف راهمون، رهواسي ڳوٺ ڪهاٽو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پوليس گرفتار جوابدار کي لاڪ اپ حوالي ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته ٻنهي چِٽن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 11

ضو نه ڏيڻ ۽ زهريلو ڪيميڪل وارو پاڻي زمينن ۾ ڇوڙ ڪرڻ خلاف داد لغاري جي ڳوٺاڻن پاران ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني جو رستو بند ڪري احتجاج پوليس جا اتالا پهتل علائقي واسين پاران زمينن جو معاوضو نه ڏيڻ تي احتجاج جاري رکڻ جو فيصلو تفصيل موجب گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي ادارن ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني اينگرو يوريا توڙي جو ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري انتظاميه جا مقامي ماڻهن سان ڪلور جاري آهن ان سلسلي ۾ گزريل ڏينهن داد لغاري جي ويل نمبر 6 جي علائقي جي رهواسي ڳوٺاڻن ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني ڏانهن ويندڙ رستو بند ڪري ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رستو بند ڪيو ته پوليس جا اتالا پهچي ويا جن پاران ڏنڊي جي زور تي رستو کولرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ان موقعي تي ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني جي انتظاميه پنجويه سال اڳ ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني اسان کي نوڪرين ۽ هر سال معاوضو ڏيڻ جا سنهري خواب ڏيکاري اسان کان 28 ايڪڙ زمين ورتي جنهن جي لکت موجود آهي پر هن وقت تائين اسان کي نه ئي معاوضو ڏنو پيو وڃي ۽ نه ئي نوڪريون ڏنيون پيون وڃن هنن چيو ته ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني مقامي زمينن جي مالڪن کي نوڪريون ڏيڻ بجاءِ پنجاب جي لوڏ مقرر ڪري ڇڏي اسان کي صاف پاڻي ڊرينيج سسٽم روڊ رستن سميت ڪنهن به قسم جي سهولت ڏيڻ لاءِ تيار ناهن زميني جر زهريلو بڻجي ويو آهي ڪيترائي ماڻهو مختلف موذي مرضن ۾ مبتلا ٿي ويا آهن اسان پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪيون ٿا ته ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني انتظاميه پوليس اتالا گهرائي حراسان ڪن ٿا جيڪو ظلم آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي اسان کي پنهنجا حق ڏياريا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ،

بقايا عوامي سوچ 12

جي دعويٰ تفصيل موجب گهوٽڪي پوليس پاران خانپور مهر جي صحافي عظيم سيال جي اغوا ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو محراب سنديلو پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته گرفتار جوابدارن صحافي عظيم سيال کي خانپور مهر ٿاڻي جي حد مان اغوا ڪرڻ جو اعتراف ڪيو آهي هن چيو ته گرفتار ٽنهي جوابدارن دلمراد مهر، عزيز مهر ۽ اجي اوڏ کي انسداد دهشتگردي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو آهي ڊي ايس پي موجب ڪيس جا مک جوابدار مکڻو ملڪ، نادر گبول ۽ مرتضيٰ ڪٽپر اڃا فرار آهن، جن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن اهڙي قسم جو ڪيس خانپور مهر ٿاڻي تي 9 جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 13

هو ڪاڌل لاش هٿ آيو آهي. واقعي جو اطلاع ملندي ئي ڪنري پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال ڪنري منتقل ڪري ڇڏيو. تفصيل موجب ڪنري جي ڀرپاسي واري علائقي ميمڻ ناڪي ۾ گهرن پرسان موجود ديئي جي وڻ مان 23 ورهين جي نوجوان اميت ڪمار ولد وشنداس ميگهواڙ جو لٽڪيل لاش هٿ آيو علائقي واسين پاران اطلاع ڏيڻ تي ڪنري پوليس فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان جو لاش وڻ مان لاهي ايمبولينس ذريعي تعلقي اسپتال ڪنري منتقل ڪيو، جتي ضروري قانوني ڪارروائي ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 14

جي مبينا قتل، جامشورو جي عدالت جي احاطي ۾ صحافي عظيم باريجو تي حملي، گهرن تي چڙهائي، عورتن جي مبينا تذليل ۽ انتقامي گرفتارين سميت جامشورو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ جي ٻئي مرحلي ۾ ٻئي ڏينهن به پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي، علامتي بک هڙتال ۾ صحافين، واپاري تنظيمن ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، احتجاج جي اڳواڻي ايڇ يو جي اڳواڻ ولي محمد لنڊ، پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، نائب صدر سرور جلال سولنگي، سخي سردار چارڻ، الله بخش خشڪ، انجمن تاجران جي احمد خان زنئور، سيد حامد شاهه، غلام نبي لغاري، گل حسن پنهور، غلام مرتضيٰ پنهور، عبدالرشيد پنهور، مختيار سومرو، جاويد احمد لغاري، علي گل چنا، اعجاز سمون، نديم شاهاڻي، پرديپ ڪمار، گاجي مگسي، دانش خشڪ، نياز چانڊيو، عزيزالله خاصخيلي، ديدار شيخ، سڪندر پتو، زاهد جمالي، عمران شيخ، الطاف پنهور، عبدالحميد جتوئي، رياض احمد مستوئي، سلمان پنهور ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ۽ سينيئر صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ کان مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي واري واقعي جو فوري نوٽيس وٺي، واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جي سربراهيءَ ۾ فوري طور عدالتي ڪميشن قائم ڪئي وڃي، هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته واقعي جي مڪمل حقيقتن کي سامهون آڻي متاثرن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري انصاف جا سمورا تقاضا پورا ڪيا وڃن، احتجاجي اڳواڻن چيو ته صحافين، شهرين ۽ عورتن سان ٿيندڙ زيادتين تي خاموش نه ويهنداسين، متاثرن کي انصاف ڏيارڻ ۽ عدالتي جاچ ڪرائڻ تائين احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي

بقايا عوامي سوچ 15

وايون تيز ڪيون ويون آهن. ڊپٽي ڪنوينر لاڙڪاڻو ۽ سکر ڊويزن مير اعجاز علي ٽالپر ٻڌايو ته گهوٽڪي جي مختلف علائقن مان ڪارروايون جي شروعات ڪئي وئي آهي، جڏهن ته علائقائي عوام کي قلم 144 جي لاڳو ٿيڻ ۽ شڪار تي پابندي بابت آگاهي پڻ ڏني وئي آهي،هن چيو ته شڪارين جي ٺڪاڻن سميت مختلف هنڌن تي ڪارروايون جاري آهن. ڪارروايون دوران شڪارين جي ٺڪاڻن تان غيرقانوني شڪار لاءِ استعمال ٿيندڙ جاريون پڻ هٿ ڪيون وڃن ٿيون، جن کي باقاعده رڪارڊ ۾ داخل ڪرڻ بعد ساڙي تلف ڪيو وڃي ٿو.مير اعجاز علي ٽالپر چيو ته سکر ڊويزن جي علائقن صالح پٽ، صوبو مهر، آر ڊي 86، ڍنڍ سوري، ڪبريجي، وس، دمي ويواري سميت ٻين علائقن ۾ شڪارين جا ٺڪاڻا ختم ڪيا ويا آهن ۽ جتي به غيرقانوني شڪار جون شڪايتون ملنديون، اتي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. انهن ڪارروائين ۾ ضلعي انتظاميا جو ڀرپور سهڪار حاصل آهي،هن واضح ڪيو ته سنڌ وائلڊ لائيف وٽ ڪنهن کي شڪار جي اجازت ڏيڻ جو اختيار ناهي، شڪار جي اجازت صرف سنڌ جو وڏو وزير ڏئي سگهي ٿو، جڏهن ته هن وقت وڏي وزير پاران پڻ شڪار تي پابندي لڳل آهي،عرب شڪارين بابت سوال تي هن چيو ته عرب شڪاري وفاقي حڪومت جي اجازت تحت شڪار لاءِ ايندا آهن. هن ٻڌايو ته سکر ڊويزن ۾ ضلعي وار ٽيمون جوڙيون ويون آهن. جڏهن ته سکر ٽيم ۾ انسپيڪٽر ديدار حسين پاڳت، انسپيڪٽر امام بخش سمو ۽ ٻيا اهلڪار شامل آهن. جيڪي غيرقانوني شڪار جي روڪٿام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

بقايا عوامي سوچ 16

ن مختلف پيٽرول پمپن جو معائنو ڪندي اتي گراهڪن ۽ عملي جي حفاظت لاءِ ڪيل احتياطي ۽ حفاظتي انتظامن جو جائزو ورتو. جڏهن ته پيٽرول جا اگهه پڻ چيڪ ڪيا ته جيئن سرڪاري مقرر ڪيل اگهن تي وڪري کي يقيني بڻائي سگهجي. دوري دوران اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنري غيرقانوني طور هلندڙ ٻن پيٽرول پمپن کي سيل ڪري ڇڏيو ۽ لاڳاپيل عملي کي هدايت ڪئي ته پيٽروليم شين جو وڪرو سرڪاري مقرر ڪيل اگهن مطابق ڪيو وڃي، حفاظتي اصولن تي سختي سان عمل ڪيو وڃي ۽ غيرقانوني ڪاروباري سرگرمين کان پاسو ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 17

احترام سان ملهائي وئي، جنهن ۾ پري پري کان عالمن، مشائخن ۽ مشهور شخصيتن شرڪت ڪئي، پروگرام جي شروعات قرآن شريف جي تلاوت سان ٿي، جيڪا تنبو جام کان آيل قاري مولانا محمد قاسم ڪئي، سندس پر سوز تلاوت سان محفل ۾ روحانيت ڇانئجي وئي، مولانا مفتي قاري نصرالله علڪاڻي خطاب ڪندي چيو ته مرحوم حاجي محمد رمضان پنهور هڪ سٺو، نيڪ ۽ رحم دل انسان هو. هن چيو ته اسان جي پياري نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ صه سڄي ڪائنات لاءِ رحمت بڻجي آيا. پاڻ صه جي سيرت مبارڪ اسان کي سيکاري ٿي ته غريبن جي مدد ڪجي، بکين کي کارائجي، يتيمن سان پيار ڪجي ۽ هر انسان سان سٺو سلوڪ ڪجي. مرحوم حاجي رمضان پنهور به سڄي حياتي پاڻ سڳورن صه جي انهن ئي تعليمن تي عمل ڪيو. هو هميشه مسڪينن جي مدد ڪندو هو ۽ هر ڪنهن سان محبت ۽ نرمي سان ملندو هو. ٻيو خطاب مولانا قاري رستم قادري ڪيو. جنهن چيو ته اڄ جي هن دور ۾ پنهنجي والدين جي ثواب لاءِ خيرات ڪرڻ ۽ ورسي ملهائڻ نبي ڪريم صه جي سنت جي مطابق هڪ وڏي نيڪي آهي. پاڻ صه فرمايو ته انسان جي مرڻ کان پوءِ ٽي شيون جاري رهنديون آهن. جن مان هڪ نيڪ اولاد آهي جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ دعا ڪندو رهي ٿو. خوش نصيب آهي اهو اولاد جيڪو پنهنجي والدين لاءِ ايصال ثواب جو اهتمام ڪري ٿو. حاجي محمد رمضان پنهور جو اولاد به هر سال اهڙي محفل ملهائي پنهنجي پيءُ لاءِ صدقه جاريه جو سبب بڻجي رهيو آهي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر محمد ملوڪ پنهور، حاجي محمد ايوب پنهور، حاجي محمد حسين پنهور، استاد علي احمد پنهور ۽ صحافي علي گل پنهور وڌيڪ چيو ته سڀني آيل مهمانن، عالمن ۽ پنهنجي پنهور برادري جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃيا ۽ چيو ته اوهان اسان جي محفل ۾ اچي اسان کي عزت بخشي. آخر ۾ بارگاهِ رسالت صه ۾ درود و سلام پيش ڪيو ويو، مرحوم جي روح جي ايصال ثواب لاءِ گڏيل دعا گهري وئي ۽ سڀني آيل ماڻهن کي لنگر پڻ ڪرايو ويو

بقايا عوامي سوچ 18

ري ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي. رهواسين ۽ واپارين موجب سڄي ڏينهن ۾ صرف ٻن ڪلاڪن لاءِ بجلي فراهم ڪئي وڃي ٿي، جڏهن ته باقي ڏينهن بجلي بند رهڻ سبب ڪاروباري سرگرميون سخت متاثر ٿي رهيون آهن ۽ دڪاندار معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. هوڏانهن ويم گهر گهٽي ۾ پڻ سيپڪو جي لائن مين سريچند خلاف رهواسين پاران سنگين شڪايتون سامهون آيون آهن. رهواسين الزام لڳايو آهي ته لائن مين سريچند مبينا طور تي اياز ملاح کي پنهنجو پيٽي ٺيڪيدار مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو بجليءَ جي معاملن ۾ ماڻهن سان پئسن جي ڏيتي ليتي ڪندو آهي ۽ مبينا طور تي رقم لائن مين تائين پهچائيندو آهي. علائقي واسين ۽ واپارين سيپڪو جي اعليٰ اختيارين، وفاقي حڪومت ۽ لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته نيوچونڪ سميت متاثر علائقن ۾ بجليءَ جي فراهمي جو نظام بهتر بڻايو وڃي، ويم گهر گهٽي بابت سامهون آيل شڪايتن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ الزام ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ لائن مين سريچند خلاف قانوني ۽ انتظامي ڪارروائي ڪري ڪيس هٽايو وڃي. هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته بجليءَ جي ورچ ۾ انتظامي نظام ۾ سڌارا آڻي عوام کي لوڊشيڊنگ ۽ مبينا ناجائز وصولين کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي، جيئن شهرين ۽ واپارين کي سک جو ساهه کڻڻ جو موقعو ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 19

۾ ٿيل جهيڙي ۾ سخت زخمي ٿيل ذوالفقار سولنگي جي وارثن پاران دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي زخمي نوجوان جي امڙ قل خاتون، ڀاءُ انور سولنگي ۽ گهرواري فاطمه سولنگي چيو ته سندن پٽ ۽ مڙس ذوالفقار سولنگي سيوهڻ اسپتال جي آءِ سي يو ۾ زندگي ۽ موت جي جنگ وڙهي رهيو آهي، پر افسوس جو پوليس واقعي ۾ نامزد جوابدارن رحيم زنئور، فاروق زنئور ۽ رزاق زنئور کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران متن ئي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، احتجاج ڪندڙن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته آزاد ڪيل جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري کين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن کين انصاف نه مليو ته هو انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا، جنهن جي ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي

بقايا عوامي سوچ 20

سنڌي، روهيت ڪمار، آصف ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌي شاگردن کي پنهنجي ئي صوبي جي يونيورسٽي ۾ داخلا کان محروم رکڻ مذمت جوڳو عمل آهي. هنن مطالبو ڪيو ته ڪراچي يونيورسٽي ۾ سنڌي شاگردن کي بنا دير داخلا ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 21

آهن هنن وڌيڪ چيو ته اسان امن پسند آهيون خونريزي نٿا چاهيون مخالف ڌر هٿيارن جي زور تي اسان جو پاڻي ۽ رستا بند ڪري ڇڏيا آهن پاڻي بند ڪرڻ سبب 38 جريب غير آباد ٿيندا هنن چيو ته اسان جو واحد گذر سفر جو ذريعو آبادي تي آهي جيڪو مخالف ڌر جي قبضه خورن فصل کي پاڻي ڏيڻ بند ڪري اسان کي ذهني مريض ڪري گهرن تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته ٿيندڙ نقصان جا زميوار قبضه خور مافيه هوندا اسان اهڙي غنده گردي واري عمل خلاف جوهي ٿاڻي تي قانوني سهارو وٺڻ لاءِ قبضه خورن خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي مگر پوليس اڃان تائين ڪا به قانوني مدد ناهي ڪئي نه ئي جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي آهي آخر ۾ هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس , وزير اعلي سنڌ, ڊي سي دادو , اي,سي جوهي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ جوهي کان مطالبو ڪيو آهي زاتي زمين جو زرعي پاڻي بند ڪندڙن جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف ڏيارايائي زرعي پاڻي قبضو ختم ڪرايو وڃي,

بقايا عوامي سوچ 22

يارهين) جي ساليانه امتحانن 2026 ع جي نتيجن جو اعلان ڪيو ويو آهي. سکر بورڊ پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ پري ميڊيڪل گروپ جي 31 هزار 278 اميدوارن امتحانن ۾ حصو ورتو، جن مان 26 هزار 568 اميدوار ڪامياب جڏهن ته 4 هزار 710 ناڪام قرار ڏنا ويا،پري انجنيئرنگ گروپ ۾ 12 هزار 992 اميدوارن امتحان ڏنا، جن مان 10 هزار 697 ڪامياب ۽ 2 هزار 295 ناڪام ٿيا، جڏهن ته ڪمپيوٽر سائنس گروپ ۾ 907 اميدوارن حصو ورتو، جن مان 828 ڪامياب ۽ 79 ناڪام قرار ڏنا ويا،سکر بورڊ جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر زاهد علي چنا ڪامياب اميدوارن، سندن والدين، استادن ۽ تعليمي ادارن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته شاگردن جي محنت، استادن جي رهنمائي ۽ والدين جي سهڪار ڪاميابين ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا،هن چيو ته امتحانن ۽ نتيجن جي تياري وارو عمل شفافيت، ميرٽ ۽ درستگي جي اصولن تحت مڪمل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جي استعمال سان نتيجن جي تياري واري عمل کي وڌيڪ قابل اعتماد ۽ شفاف بڻايو ويو آهي. ڪنهن به اميدوار پاران شڪايت يا نتيجن ۾ فرق جي نشاندهي ڪرڻ تي مقرر ڪيل ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي ويندي،بورڊ موجب اميدوار پنهنجا نتيجا سکر بورڊ جي سرڪاري ويب سائيٽ ۽ سرڪاري واٽس ايپ چينل ذريعي پڻ معلوم ڪري سگهن ٿا،پريس رليز ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته لاڳاپيل ڪاليجن ۽ هائر سيڪنڊري اسڪولن جي سربراهن کي آگاهه ڪيو ويو آهي ته مارڪس سرٽيفڪيٽ 13 نومبر 2026 ع کان تيار ٿيندا ۽ ساڳئي تاريخ کان ورهايا ويندا

بقايا عوامي سوچ 23

الله تعاليٰ کين هڪ ئي وقت ٽن پٽن سان نوازيو. ٽئي نومولود پٽ پيدائش کان پوءِ نون جاول ٻارن جي وارڊ ۾ داخل آهن جتي ڊاڪٽرن ۽ نرسنگ اسٽاف جي نگراني ۾ سندن خاص خيال رکيو پيو وڃي. ٻي خوشخبري واجد جي گهر آئي، جتي الله تعاليٰ کين هڪ ئي وقت ٽن نياڻين سان نوازيو. ٽئي نومولود نياڻيون به صحتمند آهن ۽ ماهر ڊاڪٽرن جي نگراني هيٺ آهن. گمس جي پيڊياٽرڪ ۽ نيونيٽل وارڊ جي ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته ٽرپلٽس جي پيدائش هڪ نازڪ ۽ خاص ڪيس هوندو آهي، ان ڪري سمورن ڇهن ٻارڙن جي ساهه، گرمي پد، خوراڪ ۽ وزن جي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي. ٻنهي خاندانن گمس جي ڊاڪٽرن، نرسن ۽ عملي جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته اسپتال جي بهترين سهولتن ۽ محنت سبب سندن ٻار محفوظ آهن. علائقي واسين ۽ اسپتال جي عملي ٻنهي خاندانن کي مبارڪباد ڏني ۽ ٻارڙن جي صحت ۽ تندرستي لاءِ دعائون ڪيون`

بقايا عوامي سوچ 24

پاڻي چيڪ ڪرڻ تي TDSجو مقدار 1360 کان 1530 ppm تائين پهتي جيڪو انساني صحت لاءِ انتهائي خطرناڪ قرار ڏنو پيو وڃي. عالمي اداري صحت WHO ۽ پاڪستان جي PSQCAمعيار مطابق 300 ppmتائين پاڻي بهترين، جڏهن ته 500 ppmکان گهٽ TDS وارو پاڻي پيئڻ لاءِ محفوظ سمجهيو ويندو ۽ ڪيميڪل وارو پاڻي پيئڻ سان ٻڪين جي پٿري، بلڊ پريشر، پيٽ جي بيمارين ۽ چمڙي جي بيمارين جو خطرو تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسان مجبوري ۾ هي ڪارو پاڻي پي رهيا آهيون. ڪيترائي ٻار ۽ وڏا بيمار ٿي رهيا آهن، پر اڃا تائين ڪو به تدارڪ نه ڪيو ويو آهي. ڳوٺاڻن خيرپور ضلعي انتظاميه ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي کي اپيل ڪئي آهي ته فوري طور تي ڳوٺ لاءِ مٺي پاڻي جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ فلٽريشن پلانٽ لڳايو وڃي، جيئن رهواسين کي صاف ۽ محفوظ پاڻي ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 25

ٿ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس ترجمان موجب، ايسٽ زون جي ٿاڻي مبينا ٽائون پوليس خفيه اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار شمشير ولد محمد سليمان کي گرفتار ڪيو. جوابدار يونيورسٽي روڊ تي بس جو انتظار ڪندڙ شاگردن کان ڦرجون وارداتون ڪندو هو. جوابدار هٿيار جي زور تي شاگردن کان موبائيل فون، ليپ ٽاپ، ٽيبليٽ ۽ ٻيو سامان ڦري ويندو هو. وارادات جو ڪيس الزام نمبر 545/2026 ٿاڻه مبينا ٽائون ۾ داخل ڪيو ويو هو. گرفتار جوابدار جي قبضي مان_ شاگردن کان ڦريل موبائيل فون_ ليپ ٽاپ ۽ ٽيبليٽ_ نقدي رقم_ وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ غير قانوني هٿيار_ وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ موٽرسائيڪل هٿ آئي آهي جوابدار خلاف سنڌ آرمز ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار کان ٻين وارداتن بابت به پڇاڻو ڪيو پيو وڃي. ۽ جلد ٻيا ساٿي به گرفتار ڪيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 26

رميرپور ساڪرو ايٽ گهارو نبي بخش سولنگي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم شاگرديائين کي باهه لڳڻ جي مختلف واقعن، بجلي جي شارٽ سرڪٽ، گهرن جي رڌڻي ۽ اسڪول ۾ اوچتو باهه لڳڻ جي صورت ۾ ان تي ضابطو آڻڻ جا طريقا سمجهايا. جڏهن ته ريسڪيو عملي پڻ عملي طور مظاهرو ڪري شاگرديائين کي باهه وسائڻ جي تربيت پڻ ڏني. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر نبي بخش سولنگي خطاب ڪندي چيو ته اسانجي ملڪ ۾ باهه لڳڻ جا وڏا واقعا پيش ايندا رهن ٿا، اهڙين حالتن ۾ حڪومت ۽ ريسڪيو ادارا پنهنجون ذميواريون ادا ڪن ٿا، پر ريسڪيو ٽيم جي پهچڻ تائين عوام کي به ابتدائي طور تي باهه تي ضابطو آڻڻ جي ڄاڻ هجڻ ضروري آهي. اهڙن تربيتي پروگرامن جو مقصد شاگردن ۽ شهرين کي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪرڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته ميڊيا ۽ عوام کي به حڪومتي ريسڪيو ٽيمن جي مدد ڪرڻ گهرجي عوامي آگاهي مهم کي سپورٽ ڪرڻ گهرجي

بقايا عوامي سوچ 27

، سينيئر صحافي محمد انصار انقلابي، سما نيوز جو رپورٽر جميل ميمڻ ،آواز ٽي وي نيوز جو سجاد ٿهيم ، مهراڻ ٽي وي جو نياز خاصخيلي ملاڪاٽيار پريس ڪلب جي اويس ملاح، ارشاد علي ڪاٽيار،بلڙي شاهه ڪريم پريس ڪلب جي صدر ميربادشاه، محمد رفيق رند، شيخ پرڪيو پريس ڪلب جو غلام مصطفي ڪاٽيار ،سينيئر صحافي عبدالستار نارو سميت ٻين صحافين تنبو محمد خان پريس ڪلب پهچي عذرخواهي ڪئ

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري جي لطيف هال ۾ پريزائيڊنگ آفيسرن ۽ سينيئر اسسٽنٽ پريزائيڊنگ آفيسرن لاءِ تربيتي سيشن منعقد

جنهن جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ڊاڪٽر محمد دانش ذاڪِر ڪئي، ڊپٽي ڪمشنر شرڪت ڪندڙن کي پليڪار

اليڪشن قانونن ۽ مقرر ڪيل ضابطن موجب ايمانداري، غيرجانبداري ۽ ذميواريءَ سان ادا ڪري، جيئن صاف، شفاف ۽ پرامن چونڊن کي يقيني بڻائي سگهجي

ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر مٽياري ڪنور شجاع، پري پول، پولنگ ڊي ۽ پوسٽ پول سرگرمين بابت تفصيلي تربيت فراهم ڪئي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) يونين ڪائونسل 29 اڏيرولال اسٽيشن ۾ 22 نومبر 2026ع تي ٿيندڙ ضمني مڪاني چونڊن جي سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري جي لطيف هال ۾ پريزائيڊنگ آفيسرن ۽ سينيئر اسسٽن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ڪجھ شرپسند ماڻهن منهنجي خلاف مبينا جانبدارائي سوشل ميڊيا تي، ڪوڙا الزام ۽ ساک کي نقصان پهچائڻ خلاف احتجاج

ڪجھ شرپسند ماڻهن پاران مبينا طور تي ذاتي دشمني جي بنياد تي حقيقتن جي ابتڙ پنهنجي آئي ڊي تي پوسٽون رکڻ ۽ سوشل ميڊيا تي سنڌس خلاف گمراهه ڪندڙ پوسٽون ڪرڻ تي سخت احتجاج

9 نومبر تي سنڌس ڀاءُ شبير عرف شبو گندرو ۽ عزيز شيخ وچ ۾ ذاتي معاملي تي تلخ ڪلامي ٿيتي هئي

عزيز شيخ کي رات جي نشي جي ڪري بيهوش ٿيڻ ڪري سول اسپتال ٽنڊو کڻي ويا اتان وري جناح اسپتال ڪراچي کڻي ويا جتي فوت ٿي ويو

ٽنڊو (رپورٽ واحدشورو) ڪجھ شرپسند ماڻهن منهنجي خلاف مبينا جانبدارائي سوشل ميڊيا تي، ڪوڙا الزام ۽ ساک کي نقصان پهچائڻ خلاف نثار احمد گندرو جو احتجاج. سيشن جج ٽنڊو ايس ايس پي ٽنڊو کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل ايوان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

جهمپير لڳ ڳوٺ جمعون خاصخيلي جي رهواسي پورهيت ڪارو ولد جمعون خاصخيلي ٺٽي پهچي احتجاج

صائمه خاصخيلي کي زبردستي اغوا ڪري کڻي وڃڻ بعد سنڌس 18 مهينن جي معصوم نياڻي بانو خاصخيلي کي ڇڏي ويا آهن

جانو خاصخيلي جي ٻچ تي سنڌس زال کي مبينا اغوا ڪري قيد بند ۾ رکڻ جو ڪيس داخل ڪرايو آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جهمپير لڳ ڳوٺ جمعون خاصخيلي جي رهواسي پورهيت ڪارو ولد جمعون خاصخيلي ٺٽي پهچي بااثر ماڻهن جي زيادتي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ڪوٽڙي واقعي خلاف پريس ڪلب اڳيان بک هڙتال ڪيمپ قائم

صحافين کي حق ۽ سچ لکڻ تان هراسان ڪرڻ صحافت تي حملو آهي، ڪوٽڙي ۾ باريجا صحافي پاڻان خلاف مبينا انتقامي ڪارروايون ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون

برفت نوجوان قتل جا حقيقي جوابدار گرفتار ڪيا وڃن، باريجا صحافي پاڻان خلاف انتقامي ڪارروايون بند ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

واقعي جي عدالتي جانچ ڪرائي وڃي، هنن چيو ته صحافي برادري پنهنجي ساٿين سان گڏ بيٺل آهي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ڪوٽڙي واقعي خلاف پريس ڪلب اڳيان بک هڙتال ڪيمپ قائم ڪئي وئي، جتي صحافين پاران باريجا صحافي پاڻان سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو ان موقعي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

103 موري پرسان ڳوٺ امام بخش برفت جي رهواسڻ بيواهه جنا زال مرحوم رمضان برفت پنهنجي پٽ سان گڏ ٽنڊي ۾ احتجاج

سنڌس مڙس جي حياتي دوران پنهنجي گهروارين کي ملڪيت مان حصو ڏنو ويو هو، پر هاڻي سنڌس ويڳا پٽ اسان جي حصي واري ملڪيت تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا

ويڳن پٽن ڪيترائي ڀيرا سنڌس پٽ تي پڻ تشدد ڪيو آهي، جنهن سبب هو سخت خوف ۽ عدم تحفظ جو شڪار آهن

معاملي بابت پوليس کي شڪايت ڏيڻ باوجود ٻگهاڙ موري چوڪي جو انچارج فرمان پنو مبينا طور مخالف ڌر جي حمايت ڪري رهيو آهي

ٽنڊو (رپورٽ واحدشورو) 103 موري پرسان ڳوٺ امام بخش برفت جي رهواسڻ بيواهه جنا زال مرحوم رمضان برفت پنهنجي پٽ سان گڏ ٽنڊي ۾ احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته سنڌس مڙس جي حياتي دوران پنهنجي گهروارين کي ملڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ساموندي پٽيءَ جي پسمانده علائقن ۾ غريب شاگردن ۾ ڪتاب، ڪاپيون ۽ معذورن ۾ ويل چيئر تقسيم

ڳاڙهو، اداسي، بابيهو ۽ ٻين مقامي اسڪولن جي غريب شاگردن ۾ پڙهائي جو شوق ۽ رجحان وڌائڻ لاءِ اسٽيشنري ۽ ڪتاب ورهايا ويا

امجد ڪريمي ۽ احمد ڪريمي دانڌاري پهچي مستحق ڳوٺاڻن ۾ راشن پڻ تقسيم ڪيو ويو

ان کان علاوه ڳوٺ عمر پاٽي ۽ آسپاس جي علائقن ۾ معذور ماڻهن کي سهارو ڏيڻ لاءِ ويل چيئرون پڻ ڏنيون ويون

ڪيٽي بندر (رپورٽر نادر علي خليفو) پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" عنوان تحت سنڌ اندر تعليم جي واڌاري لاءِ سرگرم خواجه برادران امجد انور ڪريمي ۽ احمد انور ڪريمي پاران ٺٽي ضلعي جي ساموندي پٽيءَ جي پسمانده علائقن ۾ غريب شاگ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڪوٽڙي ۾ نوجوان دلشير برفت جي قتل ۽ صحافين خلاف مبينا پوليس زيادتين تي ٽنڊو ايوان پريس ڪلب ٽنڊو آڏو علامتي بک هڙتال

جامشورو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ايوان صحافت پريس ڪلب ٽنڊو آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

ايوان صحافت پريس ڪلب ٽنڊي جي صدر علي اڪبر ڏلواڻي جي اڳواڻي ۾ صبح 10 وڳي کان منجهند 3 وڳي تائين بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪئي وئي

جنهن ۾ صحافين ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري احتجاج ڪندڙن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو

ٽنڊو (رپورٽ واحدشورو) ڪوٽڙي ۾ نوجوان دلشير برفت جي قتل ۽ صحافين خلاف مبينا پوليس زيادتين تي ٽنڊو ايوان پريس ڪلب ٽنڊو آڏو علامتي بک هڙتال ڪوٽڙي ۾ نوجوان دلشير برفت جي قتل. صحافي باريجو پاڻان خلاف داخل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

وڪيلن جو عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ، سيشن ڪورٽ جو مين گيٽ بند 7 وڪيلن کي شوڪاز نوٽيس خلاف وڪيل سراپا احتجاج

7 وڪيلن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ ۽ پوليس اهلڪار پاران بدتميزي ڪرڻ خلاف سيشن ڪورٽ ٽنڊو ۾ وڪيلن عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو

وڪيلن احتجاج ڪندي سيشن ڪورٽ ٽنڊو جي مين گيٽ کي بند ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ۽ سخت نعريبازي ڪئي

ٽنڊو (رپورٽ واحدشورو) وڪيلن جو عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ، سيشن ڪورٽ جو مين گيٽ بند 7 وڪيلن کي شوڪاز نوٽيس خلاف وڪيل سراپا احتجاج ٽنڊو بار جي جنرل سيڪريٽري هوش محمد عباسي سميت 7 وڪيلن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ ۽ پوليس اهلڪار پاران بدتميزي ڪرڻ خلاف سيشن ڪورٽ ٽنڊو ۾ وڪيلن عدالتي ڪاررواين جو با/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8



اسان پرامن آهيون ۽ پرامن رهنداسين، مطالبا نه مڃيا ويا ته مرڻ گهڙي تائين احتجاج جاري رهندو، ملڪ نواز جوکيو

اسان پرامن آهيون ۽ پرامن رهنداسين، اسان جو احتجاج مڪمل طور پرامن ۽ قانوني آهي

اسان صرف پنهنجو جائز حق، روزگار ۽ بيروزگار نوجوانن لاءِ انصاف گهرون ٿا، ضلعي ٺٽي ۾ سوين ڪمپنيون قائم آهن

ٽنڊو (رپورٽ واحدشورو) اسان پرامن آهيون ۽ پرامن رهنداسين، مطالبا نه مڃيا ويا ته مرڻ گهڙي تائين احتجاج جاري رهندو: ملڪ نواز جوکيو روزگار جي فراهمي ۽ بيروزگار نوجوانن جي حقن لاءِ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو جي آفيس آڏو احتجاجي ڪي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

پلاٽ تڪرار تان جهيڙي ۾ زخمي ٿيل ذوالفقار سولنگي زندگي ۽ موت جي جنگ ۾ مبتلا

جوابدار آزاد ڪرڻ خلاف وارثن جو دادو پريس ڪلب آڏو احتجاج

انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا، جنهن جي ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي ٻير محمد مراد ڪالونيءَ ۾ 9 ڏينهن اڳ پلاٽ جي تڪرار تان زنئور ۽ سولنگي برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

دادو نيو جونڪ ۾ بجليءَ جو بدترين بحران، ڏينهن ۾ رڳو ٻه ڪلاڪ بجلي فراهم ٿيڻ خلاف واپاري پريشان

سڄي ڏينهن ۾ صرف ٻن ڪلاڪن لاءِ بجلي فراهم ڪئي وڃي ٿي

باقي ڏينهن بجلي بند رهڻ سبب ڪاروباري سرگرميون سخت متاثر ٿي رهيون آهن

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي نيو جونڪ واري علائقي ۾ بجليءَ جي بدترين لوڊشيڊنگ سبب شهرين توڙي دڪاندارن ۽ ڪاروبا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

دادو لڳ ڳوٺ جهنگل خان پنهور ۾ مرحوم حاجي محمد رمضان پنهور جي 9 هين ورسي

سيرتِ نبوي صہ جي روشني ۾ روحاني محفل

مرحوم جي روح جي ايصال ثواب لاءِ گڏيل دعا گهري وئي ۽ سيني آيل ماڻهن کي لنگر پڻ ڪرايو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو لڳ ڳوٺ جهنگل خان پنهور ۾ معزز مرحوم حاجي محمد رمضان پنهور جي 9 هين ورسي نهايت ئي عقيدت ۽ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنري مختلف علائقن جو دورو ڪيو

اتي گراهڪن ۽ عملي جي حفاظت لاءِ ڪيل احتياطي ۽ حفاظتي انتظامن جو جائزو ورتو

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنري مختلف علائقن جو دورو ڪيو ان موقعي تي ه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

سکر: غيرقانوني شڪار خلاف ڪارروايون تيز، قلم 144 لاڳو، سنڌ وائلڊ لائيف جو اعلان

گهوٽڪي مان ڪاررواين جي شروعات

شڪارين جي نڪاڻن تان جاريون هٽ ڪري رڪارڊ ۾ داخل ڪرڻ بعد ساڙيون وڃن ٿيون، اعجاز علي ٽالپر

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سنڌ وائلڊ لائيف سکر پاران مختلف علائقن ۾ غيرقانوني شڪار جي روڪٿام لاءِ قلم 144 لاڳو ڪندي ڪار/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

دادو ۾ صحافين ۽ وارثن جي احتجاج جو ٻيو ڏينهن، علامتي بک هڙتال جاري دلشير برفت جي قتل

صحافي عظيم باريجو تي حملي ۽ جامشورو پوليس جي زيادتين خلاف عدالتي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

متاثرن کي انصاف ڏيارڻ ۽ عدالتي جاچ ڪرائڻ تائين احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس يونٽ ضلعي دادو ۽ دادو پريس ڪلب پاران ڪوٽڙي ۾ نوجوان دلشير برفت / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ميمڻ ناڪي ۾ گهر پرسان موجود ديئي جي وڻ مان 23 ورهين جي نوجوان جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال ڪنري منتقل ڪري ڇڏيو

واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان جو لاش وڻ مان لاهي ايمبولينس ذريعي تعلقي اسپتال ڪنري منتقل ڪيو

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) ڪنري جي پرپاسي واري علائقي ميمڻ ناڪي ۾ گهر پرسان موجود ديئي جي وڻ مان 23 ورهين جي نوجوان جو ڦا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ميرپور ماٿيلو گهوٽڪي پوليس پاران صحافي عظيم سيال جي اغوا ڪيس ۾ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي

گهوٽڪي پوليس پاران خانپور مهر جي صحافي عظيم سيال جي اغوا ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي

گرفتار جوابدارن صحافي عظيم سيال کي خانپور مهر ٿاڻي جي حد مان اغوا ڪرڻ جو اعتراف ڪيو آهي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر شاهد ميراڻي) ميرپور ماٿيلو گهوٽڪي پوليس پاران صحافي عظيم سيال جي اغوا ڪيس ۾ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ميرپور ماٿيلو گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي ادارن جي دادا گيري برقرار

داد لغاري جي ڳوٺاڻن پاران ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني جو رستو بند ڪري احتجاج

پوليس جا اٿالا پهتل علائقي واسين پاران زمينن جو معاوضو نه ڏيڻ تي احتجاج جاري رکڻ جو فيصلو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي ادارن جي دادا گيري برقرار ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني پاران زمينن جو معاو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

چاچڙو ويجهو پوليس جي ڪارروائي، منشيات فروشي جي الزام هيٺ هڪ ڄڻو گرفتار، ٻيو فرار

چاچڙو پوليس منشيات ايڪٽ تحت ڪارروائي ڪندي ٻن ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي

ڳوٺ ڪهاڻو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس گرفتار جوابدار کي لاڪ اپ حوالي ڪري ڇڏيو آهي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) چاچڙو ويجهو پوليس جي ڪارروائي، منشيات فروشي جي الزام هيٺ هڪ ڄڻو گرفتار، ٻيو فرار چاچڙو پوليس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڏوڪري ۾ جساف جي سڏ تي احتجاج

ڪراچي يونيورسٽي ۾ سنڌي شاگردن کي داخلا نہ ملڻ خلاف جساف جي مرڪزي سڏ تي ڏوڪري ۾ جسقم ۽ جساف ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ڪيو

جسقم اڳواڻ رڪ سنڌي، روهيت ڪمار، آصف ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌي شاگردن کي پنهنجي ئي صوبي جي يونيورسٽي ۾ داخلا کان محروم رکڻ مذمت جوڳو عمل آهي

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ جساف جي سڏ تي احتجاج تفصيل موجب ڪراچي يونيورسٽي ۾ سنڌي شاگردن کي داخلا نہ ملڻ خلاف جساف جي مرڪزي سڏ تي ڏوڪري ۾ جسقم ۽ جساف ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ڪيو. جسقم اڳواڻ رڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

سنڌو ديش مقدم
ڪراچي يونيورسٽي ۾ سنڌي شاگردن جي ڪوٽا بحال ڪيو
ڪراچي يونيورسٽي ۾ سنڌي شاگردن سان ناانصافي بند ڪيو

صحافي فاروق پنهور ۽ سنڌس پي محمد رمضان پنهور جي زاتي پاڻي جي واري بڪراڻي شاخ تي قبضو ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

اسان جي زاتي زرعي زمين جو قانوني پاڻي جي واري تي قبضہ مافيہ هٿيار بند ويهاري ڇڏيا آهن

پاڻي جي گهر ڪرڻ تان اسان مٿان سڌي فائرنگ ڪئي جنهن سبب اسان معجزانہ طور بچي وياسين

اسان امن پسند آهيون خونريزي نٿا چاهيون مخالف ڌر هٿيارن جي زور تي اسان جو پاڻي ۽ رستا بند ڪري ڇڏيا آهن

صحافي فاروق پنهور ۽ سنڌس پيءُ محمد رمضان پنهور جي زمين جو پاڻي بحال ڪيو، زمين تان قبضو ختم ڪيو!

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) ايچ يو جي يونٽ تعلقہ جوهي جي اڳواڻ صحافي فاروق پنهور ۽ سنڌس پي محمد رمضان پنهور جي زاتي پاڻي جي واري بڪراڻي شاخ تي قبضو ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ صحافي پي سميت احتجاج ڪندي ٻڌايو تہ اسان جي زاتي زرعي زمين جو قانوني پاڻي جي واري تي قبضہ مافيہ هٿيار بند ويهاري ڇڏيا آهن پاڻي جي گهر ڪرڻ تان اسان مٿان سڌي فائرنگ ڪئي جنهن سبب اسان معجزانہ طور بچي وياسين هاڻ اسان کي پاڻي جي گهر ڪرڻ تان قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

سکر بورڊ پاران انٽر پارٽ ون 2026ع جي نتيجن جو اعلان، پري ميڊيڪل ۾ 26 هزار 568 اميدوار ڪامياب

پري انجنيئرنگ ۾ 10 هزار 697 ۽ ڪمپيوٽر سائنس ۾ 828 اميدوار ڪامياب، مارڪس سرٽيفڪيٽ 13 نومبر کان ورهايا ويندا

سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ پري ميڊيڪل گروپ جي 31 هزار 278 اميدوارن امتحانن ۾ حصو ورتو

جن مان 26 هزار 568 اميدوار ڪامياب جڏهن ته 4 هزار 710 ناڪام قرار ڏنا ويا، پري انجنيئرنگ گروپ ۾ 12 هزار 992 اميدوارن امتحان ڏنا

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن سکر جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر زاهد علي چنا جي رهنمائي ۽ منظوري سان انٽرميڊيٽ هائر سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ پارٽ ون (ڪلاس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمس ۾ هڪ خوشگوار ۽ ناياب موقعو پيش آيو

هڪ ئي ڏينهن ٻن مختلف خاندانن ۾ ٽرپلٽس ٻارڙن جي پيدائش ٿي. پهرين خوشخبري پرويز احمد جي گهر آئي

جتي الله تعاليٰ کين هڪ ئي وقت ٽن پٽن سان نوازيو. ٽئي نومولود پٽ پيدائش کان پوءِ نون جاول ٻارن جي وارڊ ۾ داخل آهن

جتي ڊاڪٽرن ۽ نرسنگ اسٽاف جي نگراني ۾ سنڌن خاص خيال رکيو پيو وڃي. ٻي خوشخبري واجد جي گهر آئي

گمبٽ (رپورٽر ر) گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمس ۾ هڪ خوشگوار ۽ ناياب موقعو پيش آيو جڏهن هڪ ئي ڏينهن ٻن مختلف خاندانن ۾ ٽرپلٽس ٻارڙن جي پيدائش ٿي. پهرين خوشخبري پرويز احمد جي گهر آئي. جتي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

گمبٽ لڳ فقيرآباد جي ڳوٺ سانول وارو ٽانوري ۾ پيئڻ جو پاڻي زهر بڻجي ويو، TDS خطرناڪ حد پار

فقيرآباد لڳ ڳوٺ سانول وارو ٽانوري ۾ پيئڻ جي پاڻي جي صورتحال خطرناڪ حد تائين پهچي وئي آهي

ڳوٺ ۾ پاڻي چيڪ ڪرڻ تي TDS جو مقدار 1360 کان 1530 ppm تائين پهتو جيڪو انساني صحت لاءِ انتهائي خطرناڪ قرار ڏنو پيو وڃي

مٺي پاڻي جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ فلٽريشن پلانٽ لڳايو وڃي، جيئن رهواسين کي صاف ۽ محفوظ پاڻي ملي سگهي

گمبٽ (رپورٽر ر) گمبٽ لڳ فقيرآباد جي ڳوٺ سانول وارو ٽانوري ۾ پيئڻ جو پاڻي زهر بڻجي ويو. TDS خطرناڪ حد پار فقيرآباد لڳ ڳوٺ سانول وارو ٽانوري ۾ پيئڻ جي پاڻي جي صورتحال خطرناڪ حد تائين پهچي وئي آهي. ڳوٺ ۾ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڪراچي يونيورسٽي روڊ تي شاگردن کي ڦرڻ وارو جوابدار واردات جي ڪجهه ڪلاڪن بعد گرفتار، ڦريل سامان هٿ

ڊسٽرڪٽ ايسٽ پوليس، ٿاڻہ مبينا ٽائون پوليس اسٽريٽ ڪرائم جي وارداتن ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

ايسٽ زون جي ٿاڻہ مبينا ٽائون پوليس خفيه اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار شمشير ولد محمد سليمان کي گرفتار ڪيو

جوابدار يونيورسٽي روڊ تي بس جو انتظار ڪندڙ شاگردن کان ڦرجون وارداتون ڪندو هو، جوابدار هٿيارن جي زور تي شاگردن کان موبائل فون، ليپ ٽاپ، ٽيبليٽ ۽ ٻيو سامان ڦري ويندو هو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي يونيورسٽي روڊ تي شاگردن کي ڦرڻ وارو جوابدار واردات جي ڪجهه ڪلاڪن بعد گرفتار، ڦريل سامان هٿ ڊسٽرڪٽ ايسٽ پوليس، ٿاڻہ مبينا ٽائون پوليس اسٽريٽ ڪرائم جي وارداتن ۾ ملو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول گهارو ۾ ريسڪيو 1122 پاران ٻاهه وسائڻ بابت تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو

ريسڪيو 1122 پاران شاگردياڻين کي هنگامي حالتن ۾ ٻاهه وسائڻ ۽ احتياطي تدبيرن بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو

جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو ايٽ گهارو نبي بخش سولنگي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول گهارو ۾ ريسڪيو 1122 پاران ٻاهه وسائڻ بابت تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو گهارو گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول گهارو ۾ ريسڪيو 1122 پاران شاگردياڻين کي هنگامي حالتن ۾ ٻاهه وسائڻ ۽ احتياطي تدبيرن بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

پنهنجي اخبار جي ضلع رپورٽر قاضي شمس ٻانيڻ سان سنڌس پاڇائي جي وفات تي تعزيت

ٻلڙي شاهه ڪريم پريس ڪلب جي صدر مير بادشاهه، محمد رفيق رند، شيخ پريس ڪلب جو غلام مصطفى ڪاٺيار شريڪ

سينيئر صحافي عبدالستار نارو سميت ٻين صحافين ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب پهچي عذرخواهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان جي ٽائيم نيوز ۽ پنهنجي اخبار جي ضلع رپورٽر قاضي شمس ٻانيڻ سان سنڌس پاڇائي جي وفات تي ٽنڊو محمد خان جي يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻن غلام قادر شورو، زاهد قريشي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27